# دعائن جو گلدستو

## پوري مهيني لاءِ روزانو صبح ۽ شام دعائن

## گهرڻ جو سلسلو

(انجمن جا سڀ حق ۽ واسطا قائم آهن)

چاپو: پنجون

سال: 2018ع

تعداد

ڪمپوزنگ: فهيم مصطفیٰ

ڇپائيندڙ: مسيحي ادبي انجمن پي او باڪس 358
حيدرآباد سنڌ

www.umeedjorasto.com

0301-3546751

# پھريون ڏينھن

## صبح جي دعا

”تنھن ڪري اچو تہ دليريءَ سان فضل واري تخت کي ھلي ويجھا ٿيون، تہ جيئن اسان تي رحم ٿئي ۽ اھو فضل حاصل ڪريون جو ضرورت جي وقت اسان جي مدد ڪري.“

(عبرانين 16:4)

اي قادر مطلق خدا، سڀني رحمتن وارا بابا، اسان تنھنجا نالائق ٻانھا دل جي گھراين، پوريءَ جان ۽ ڏاڍي نماڻائيءَ سان تنھنجا ٿورا ٿا مڃون، جو تو پنھنجي وڏي مھرباني ۽ محبت اسان سڀني ماڻھن تي پڌري ڪئي آھي. اسان پنھنجي پيدا ٿيڻ لاءِ ۽ پلجي وڏي ٿيڻ لاءِ ۽ ھن زندگيءَ جي سڀني برڪتن لاءِ تنھنجا شڪر گذار آھيون. پر ان کان بہ وڌيڪ انھيءَ بي حد

محبت لاءِ جنهن جي ڪري تو اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح کي هن جهان جي ماڻهن کي ڇوٽڪاري ڏيڻ لاءِ موڪليو. اسان ان فضل لاءِ جيڪو تون عيسىٰ مسيح جي ذريعي ڪرين ٿو ۽ ان جلوي جي اميد لاءِ بہ تنهنجو شڪر ادا ٿا ڪريون ۽ اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون پنهنجن رحمتن کي سمجهڻ جي اسان کي سمجهہ بخش، تہ جيئن اسان جون دليون بنا ڪنهن مڪر ۽ فريب جي تنهنجا ٿورا مڃينديون رهن. اسان نہ رڳو وات سان پر پنهنجي ڪردار يعني چڱي چال سان بہ تنهنجي تعريف ڪريون ۽ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي خدمت لاءِ پيش ڪريون ۽ پنهنجي سڄي عمر سچائيءَ سان تنهنجي حضور ۾ گذاريون.

(آمين)

# پهريون ڏينهن

## سانجهيءَ جي دعا

”سو خداوند آڏو توبهہ تائب ٿيو ۽ ڪانئس دعا گهرو. هائو، خدا کي پڪاريو، جو هي سندس قبوليت جو وقت آهي.“

(يسعياه 6:55)

”خداوند انهن سڀني کي ويجهو آهي، جيڪي ڪانئس دعا گهرن ٿا، بشرطيڪ اهي کيس سچيءَ دل سان پڪارين.“

(زبور 18:145)

اي مهربان خدا، تون اسان سان گڏ رهہ ۽ هن رات جي خاموشيءَ ۾ هر گهڙيءَ اسان جي نگهباني ڪر، اسان هن بي بقا دنيا جي ڦير گهير جي ڪري

ٿڪجي پيا آهيون، پر تنهنجي ابدي بقا تي ڀروسو ٿا رکون، خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي خدا، سڀ خواهشون جيڪي پاڪ هجن ۽ نيڪ ۽ چڱيون صلاحون ۽ سڀ نيڪ ڪم جيڪي تنهنجي طرف کان ملندا آهن. تنهنڪري جيڪو آرام جهان اسان کي ڏئي نٿو سگهي، سو تون پنهنجي ٻاجهہ سان پنهنجن ٻانهن کي بخش، تہ جيئن اسان دل وجان سان تنهنجي حڪمن کي مڃيندا رهون ۽ تنهنجي مدد سان پنهنجي مخالفن جي ڊپ کان محفوظ رهندي، آرام ۽ صلح ماڻيندا رهون.

اي ڏاڍي تعاليٰ، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون اسان جي اوندهہ کي سوجهري ۾ ڦيرائي ڇڏ ۽ پنهنجي وڏيءَ ٻاجهہ جي ڪري هن رات جي هر ڪنهن قسم جي خوف ۽ خطري کان اسان کي پناهہ ۾ رک، اسان هي سڀ ڪجهہ پنهنجي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ گهرون ٿا.

(آمين)

# پھريون ڏينھن

# صبح جي دعا

”اھي قومون ائين چونديون ايندي ون تہ ”ھلو تہ خداوند جي جبل ڏانھن ھلون، يعني بني يعقوب جي خدا جي گھر ڏانھن. ھو اسان کي پنھنجي واٽ تي ھلڻ سيکاريندو، تان تہ اسين سندس انھيءَ ٻڌايل واٽ تي ھلون.“

(يسعياہ 2:3)

”اي اسان جا بابا! تون جو آسمان ۾ آھين، شال تنھنجو نالو پاڪ مڃيو وڃي، ۽ تنھنجي بادشاھت اچي. تنھنجي مرضي جيئن آسمان ۾ پوري ٿئي ٿي، تيئن زمين تي بہ ٿئي. اسان جي ڏھاڙيءَ جي ماني اڄ اسان کي ڏي. تيئن زمين تي بہ

ٿئي. اسان جا ڏوهه اسان کي ائين معاف
ڪر، جيئن اسين به پنهنجي ڏوهارين کي
معاف ٿا ڪريون. اسان کي آزمائش ۾ نه
وجهه، پر اسان کي بڇڙائيءَ کان بچاءِ.“

(متي 6:9-13)

اي پاڪ خدا، تون انهن دلين جو سوجهرو آهين، جن کي تنهنجي خبر آهي. تون انهن روحن جي حياتي ۽ جياپو آهين، جيڪي تو کي پيار ٿا ڪن. اسان جي به مدد ڪر، ته اسان تو کان اهڙا واقف ٿيون جو تو کي پوريءَ طرح سان پيار ڪريون ۽ اهڙو پيار ڪريون جو تنهنجي پوري خدمت ڪري سگهون، ڇاڪاڻ ته تنهنجي خدمت ۾ مڪمل آزادي آهي، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان،

(آمين)

# پيو ڏينهن

## سانجهيءَ جي دعا

”تنهنڪري اي منهنجا فرزند! جيڪو فضل عيسىٰ مسيح جي طرفان آهي، تنهن جي وسيلي پختو ٿيءُ. جيڪي ڳالهيون تو گھڻن شاهدن جي روبرو مون کان ٻڌيون آهن، سي اهڙن ڀروسي وارن ماڻهن جي حوالي ڪر جيڪي ٻين کي به سيکارڻ جي لائق هجن. عيسىٰ مسيح جي سٺي سپاهيءَ جي حيثيت ۾ اسان سان گڏ سختي سُهه.“

(2- تيمٿيس 2:1-3)

اي پاڪ پروردگار ۽ نهايت ئي سڀاجها خدا، اي اسان جا بابا، اسان خطا ڪئي آهي ۽ نڌڻڪين رڍن وانگر تنهنجي ٻڌايل واٽن کان ڀٽڪي ويا آهيون. اسان

پنهنجي ئي دلين جي خواهشن ۽ خيالن کي پرپور نموني پورو ڪري رهيا آهيون. اسان تنهنجي پاڪ حڪمن جي ابتڙ هليا آهيون ۽ جيڪي اسان کي ڪرڻ کپندو هو، سو ڪونه ڪيو آهي. پر الٽو اهو ڪجهه ڪيو آهي، جيڪو ڪرڻ نه کپندو هو. هاڻي اسان بي وس آهيون. پر اي ڌڻي، تون اسان نياڻن ڏوهارين تي ٻاجهه ڪر، رحم ڪر، اي خدا! جيڪي پنهنجا ڏوهه گناهه ٻاسين ٿا، تن کي معافي ڏئي ڇڏ ۽ جيڪي توبهه ٿا ڪن تن کي بحال ڪر. جيڪي واعدا تو اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ مسيح جي معرفت، اسان سان ڪيا آهن تن کي پورو ڪر. اي مهربان ۽ ٻاجهارا بابا، هن جي وسيلي اهو به بخش، ته اڳتي اسان دينداريءَ ۽ نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ سان زندگي گذاريون ته جيئن تنهنجي پاڪ نالي جي تعريف ٿئي. مسيح جي پاڪ نالي ۾،

(آمين)

# ٽيون ڏينهن
# صبح جي دعا

”مگر جيڪي خداوند تي توڪل  ٿا رکن، سي نئين سر طاقت حاصل ڪندا، اهي عقابن وانگر پرن سان اوچائيءَ تي اڏامندا. اُهي ڊوڙندا، ليڪن ٿڪبا ڪين، اهي هلندا، ليڪن ماندا ڪين ٿيندا.“

(يسعياه 40:31)

اي رب پاڪ، تنهنجي وسيلي سان ئي نماڻن کي هدايت ڏني وڃي ٿي ۽ تنهنجي نيڪ بندن تي اونده ۾ بہ سوجهرو ٿيو پوي. شڪ ۽ شبهي واري حالت ۾ ۽ وري بي خبريءَ ۾ اسان کي عقل، دانائي ۽ سمجه وارو روح عطا ڪر، اسان کي غلطين کان بچاءِ تہ روشنيءَ ۾ هلندا هلون ۽ تنهن جي سڌي راه ۾ ڪري نہ پئون. خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي قادر مطلق خدا. پنهنجي بندن جي مصيبتن ۽ عذابن جي ڪري، تو کي رنج ٿو پهچي، انهيءَ لاءِ تہ تون ٻاجهارو ۽ رحم ڪرڻ وارو خدا آهين. اسان جي دعا کي ٻڌ ۽ انهن سڀني جي مدد ڪر جيڪي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ آهن. اسان انهن لاءِ بہ دعا ٿا گهرون، جيڪي اکين کان وينل ۽ منڊا ٽنڊا آهن، يا جن کي ڪوڙهہ جهڙيون بيماريون آهن ۽ وري جيڪي گونگا، بيمار ۽ بڪيا آهن. اسان انهن لاءِ بہ دعا ٿا گهرون جيڪي گناهہ جي ڳري بار هيٺان دٻيا پيا آهن ۽ دنيا جي فڪرن ۽ شڪ شبهي ۾ زندگي گذارين ٿا، موت کان ڊڄن ٿا. اهڙا فرد پنهنجن گناهن جي ڪري پنهنجن افعالن جي ڪري ڏک ڏولا ڏسن ٿا. اي خدا. انهن جي مدد ڪر، انهن کي آٿت ڏي، عيسىٰ مسيح جي وسيلي دعا گهرون ٿا.

(آمين)

# ٽيون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اسان کي انهيءَ اميد مان مايوسي نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته پاڪ روح، جيڪو اسان کي ڏنو ويو آهي، تنهن جي وسيلي خدا جو پيار اسان جي دلين ۾ اوتيو ويو آهي.“

(رومين 5:5)

اي آسماني پيءُ، اسان تي رحم ڪر، اسان جا گناهه معاف ڪر. اسان کي بڇڙائيءَ کان ڇڏاءِ ۽ نيڪيءَ ڏانهن مائل ڪر. اسان کي هميشه جي زندگيءَ تائين پهچاءِ، اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي خدا، تو ۾ اسين جيئون ٿا ۽ هلون، چلون ٿا ۽ تو ۾ ئي اسان جي هستي آهي. تو اسان کي پاڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. تنهن ڪري تو کان ئي آرام ۽ تسلي ملي ٿي. اسان کي دل جي اهڙي پاڪائي ۽ ارادي جي اهڙي پختگي بخش جو ڪنهن بہ خود غرضيءَ جي خواهش اسان کي تنهنجي مرضي معلوم ڪرڻ کان روڪي نہ سگهي ۽ نہ وري ڪمزوريءَ جي ڪري اسان تنهنجن نعمتن کان مايوس ٿيون. پر تنهنجي نور ۾ اسان پنهنجي فرض کان واقف ٿيون ۽ تنهنجي خدمت ۾ ڪامل آزادي حاصل ڪريون، خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# چوٿون ڏينهن

# صبح جي دعا

”رات گهٽي گذري چڪي آهي ۽ ڏينهن ٿيڻ وارو آهي. تنهن ڪري اچو ته اونداهيءَ جا ڪم ڇڏي سوجهري جا هٿيار ٻڌون.“

(رومين 12:13)

اي پاڪ خدا، اسان تنهنجو شڪر ٿا ڪريون، ڇو جو تو اسان کي اڄوڪي صبح تائين زنده ۽ سلامت رکيو آهي ۽ تندرستي بخشي اٿيئي. اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون ته اسان جي مدد ڪر، ته جيئن اسين به ڪنهن نه ڪنهن شخص جي خدمت ڪريون، ۽ پنهنجي خوشيءَ جي وسيلي ڪيس به خوشيءَ جي اميد ڏياريون، اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي ٻاجھارا رب، تنھنجي اڳيان سڀني جي دلين جو حال پڌرو آھي، تو کي سڀني جون مرادون معلوم آھن ۽ تو کان ڪابہ ڳالھہ ڳجھي ڪانھي. پنھنجي پاڪ روح جي الھام سان اسان جي دلين جي خيالن کي پاڪيزھہ بڻاءِ تہ جيئن اسان تو سان پورو پورو پيار ڪريون ۽ تنھنجي پاڪ نالي جي لائق تنھنجي تعريف ڪريون، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

اي خداوند خدا، پنھنجي فضل سان اسان کي ھدايت ڪر، تہ جيئن اسان کي پروڙ پوي، تہ اڄ تنھنجي لاءِ اسان کي عام ماڻھن لاءِ ڪھڙا ڪھڙا ڪم ڪرڻ گھرجن ۽ اسان کي سگھہ ڏي، تہ اسين اھي سڀيئي ڪم تنھنجي مرضي موجب پورا ڪريون، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي ۾،

(آمين)

# چوٿون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”آءٌ پنهنجي پيءُ وٽ ويندس ۽ کيس چوندم تہ ’اي بابا! آءٌ خدا ۽ اوهان جو ڏوهاري آهيان، ۽ هاڻي انهيءَ لائق نہ آهيان جو اوهان جو پٽ سڏايان. مون کي پنهنجو هڪڙو نوڪر سمجهي بيهاريو.‘ “

(لوقا 15:18-19)

اي شفيق رب، اسان سڀني جا خالق ۽ پالڻهار، تنهنجي آڏو وڏي نيازمنديءَ سان التجا ٿا ڪريون تہ پنهنجي هر هڪ بندي تي مهرباني ڪر، انهن کي سنئين رستي تي هلاءِ ۽ پنهنجو عظيم ڇوٽڪارو سڀني قومن تي ظاهر ڪر. اسان خاص التجا ٿا ڪريون، اي ڌڻي، تنهنجي در تہ اِهي تنهنجي پاڪ روح جي هدايت حاصل ڪن ۽ انهن کي سمجهہ ڏي، جو هو حق جي راهہ تي هلن ۽ روح ۾ هيڪڙائيءَ

واري حالت ۾ صلح ۽ سچائيءَ جي ڪري ايمان تي قائم رهن. آخرڪار جيڪي روح جي بابت يا ڪنهن ٻئي طرح جا ڏک ۽ سور ٿا پسن، تن سڀني کي تو جهڙي پيءُ جي آءٌ پلائين جي حوالي ٿا ڪريون، انهيءَ لاءِ تہ تون مهربانيءَ ۽ ٻاجهہ سان انهن جي گهرجن موجب، انهن کي آٿت ۽ دلاسو ڏي. ڏک سهڻ مهل انهن کي صبر ڏي ۽ سڀني مصيبتن کان بچائن. هي سڀ ڪجهہ اسين خداوند عيسىٰ مسيح جي واسطي گهرون ٿا.

(آمين)

# پنجون ڏينهن
# صبح جي دعا

”سارو جهان خداوند کي ياد ڪندو ۽ ڏانهنس ڦرندو. هائو، سڀيئي قومون انهيءَ جي آڏو سجدو ڪنديون.“

(زبور 27:22)

اي مهربان قائم خدا، اسان جا آسماني بابا ، اسان نوڙت سان تنهنجا ٿورا ٿا مڃون، جو تو پنهنجي مرضيءَ سان اسان کي پاڻ ڏانهن سڏيو آهي، تہ جيئن اسان تنهنجي فضل کان واقف ٿيون ۽ تو تي ايمان آڻيون. سو ڏينهون ڏينهن اسان جو هي علم وڌاءِ ۽ اسان کي ان ايمان تي قائم رکندي پڪو ڪندو رهہ اسان کي پنهنجو پاڪ روح بخش ، تان تہ اسين نئين سر پيدا ٿي، هميشہ جي ڇوٽڪاري جا وارث ٿيون. هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي ٿئي،

جيڪو تو ساڻ ۽ پاڪ روح ساڻ هاڻي ۽ آهي ۽ هميشہ تائين زندهہ آهي ۽ بادشاهي ڪري ٿو. آمين.

خداوند جو شڪر ڪريو، ڇاڪاڻ تہ هو ڀلارو آهي ۽ سندس رحم توڙ تائين آهي. هن جو شڪر ادا ڪريو جو هو خداوندن جو خداوند آهي. هو اڪيلو عجب جهڙا ڪم پيو ڪري، جنهن دانائيءَ سان آسمان پيدا ڪيو، جنهن زمين کي سمنڊ جي مٿان بيهاري ڇڏيو، جنهن سج ۽ چنڊ آسمان ۾ قائم ڪيا. آسمان جي خداوند جو شڪر ڪريو ڇاڪاڻ تہ سندس رحم هميشہ تائين آهي.

(آمين)

# پنجون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”پنهنجي ڏک جي اظهار لاءِ پنهنجا ڪپڙا نہ ڦاڙيو، بلڪ پنهنجين دلين جي گهراين سان خداوند پنهنجي خدا آڏو توبهہ تائب ٿيو، ڇالاءِ جو هو رحيم ۽ مهربان آهي. هو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ شفقت ڪرڻ ۾ تڪڙو آهي، ۽ عذاب نازل ڪرڻ کان مڙي وڃي ٿو.“

(يوايل 2:13)

اي اسان جا بابا، اسان نوڙت سان تو کي منٿ ٿا ڪريون، تہ تون اسان جي هيٺائين تي پنهنجي ٻاجهہ ڀري نظر ڪر ۽ پنهنجي نالي جي وڏائيءَ ڪري، انهن سڀني آفتن کي جي اسان جي مٿان ڪڙڪڻ واريون آهن، دور ڪر ۽ بخش تہ اسان سڀني مصيبتن ۾

پنهنجو پورو پورو ڀروسو ۽ آسرو فقط تنهنجي ٻاجھ تي رکون ۽ هميشہ تنهنجي مان مرتبي جي واسطي پاڪ ۽ صاف هلت چلت سان، تنهنجي بندگي ڪندا رهون. هي سڀ اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي ٿئي . آمين.

اي پاڪ خدا، اسان ۽ اسان جي ڀيءُ ڏاڏي جي گناهن کي ياد نہ ڪر ۽ اسان جي ڏوهن جو بدلو اسان کان نہ وٺ. اي مهربان خدا، اسان کي معاف ڪر. پنهنجي قوم جنهن کي تو پنهنجي قيمتي رت سان ڇوٽڪارو ڏنو آهي، تنهن کي معاف ڪر ۽ ڪڏهن بہ اسان تي ڪاوڙ نہ ڪر، خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# ڇهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اي خدا! منهنجو نماڻو روح تو لاءِ منهنجي قرباني آهي. اي خدا! تون نماڻي ۽ پشيمان دل کي حقير نہ ٿو ڄاڻين.“

(زبور 17:51)

اي مهربان پيءُ، جيڪي ڏکويل آهن ۽ دل سان پنهنجن گناهن تي پڇتائين ٿا ، تن جي آس ۽ اميدن کي تون حقير نہ سمجهندين. اسان جڏهن ڏکن ۽ مصيبتن ۾ جڪڙجي ٿا پئون، تڏهن تو کان دعا ٿا گهرون، ٻاجهہ وارا خدا، تون اسان جي مدد ڪر ۽ اسان جي دعا کي ٻڌ. جيڪي شيطاني ٻڇڙايون يا ڪٺي انسان جي فريب ۽ ٺڳيءَ جي ڪري اسان تي اچن، سي سڀ ٽري وڃن. انهيءَ لاءِ تون اڳ ئي ڳڻتي ڪرين ٿو

۽ ان جي ڪري ئي سڀ بڇڙايون ۽ بدڪاريون اسان تان ٽري وڃن ۽ پوءِ اسان جيڪي تنهنجا ٻانها آهيون هر ڪنهن قسم جي ايذائن ۽ ڏکن کان بچي، تنهنجي ڪليسيا ۾ هميشہ تنهنجو شڪر ادا ڪندا رهون، اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي مهربان خداوند، اسان پنهنجي نيڪيءَ تي نہ پر تنهنجي طرحين طرحين جي وڏين مهربانين تي ڀروسو ڪريون ٿا. اسان جا گناهہ معاف ڪر. سڀو ڏينهن اسان جي حفاظت ۽ نگهباني ڪر. تہ جيئن اڄ اسان کي پورو آرام ملي، ۽ هر ڪنهن ڪم لاءِ اسان تازا توانا هجون. اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي نالي ۾،

(آمين)

# ڇهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اي خدا! تون مون کي پرکي منهنجيءَ دل کي ڄاڻي وٺ. هائو، تون مون کي آزمائي منهنجو هر خيال پروڙي وٺ. ڏس، اي خداوند! مون کي ڪنهن خراب راهہ تي هلڻ نہ ڏي، بلڪ مون کي انهيءَ راهہ تي وٺي هل جيڪا ابدي راهہ آهي.“

(زبور 139:23-24)

اي قادر مطلق خدا، تون جو سڀني شين جو خلقيندڙ ۽ سڀني ماڻهن جو انصاف ڪندڙ آهين. اسين اکين مان نير وهائيندي، پنهنجي سڀني گناهن ۽ بڇڙائين کي مڃون ٿا، ڇالاءِ تہ اسان گهڻو ڪري پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ سان، پنهنجن خيالن سان ۽ پنهنجن ڪمن سان تنهنجي خدائي شان جي برخلاف گهڻا گناهہ ڪيا آهن سو اسان خود تنهنجي انصاف، تنهنجي

ڪاوڙ ۾ غضب کي ڀڙڪايو آهي، اسان هاڻي دل جي گهرائين سان توبهه ٿا ڪريون ۽ پنهنجن برن ڪمن جي ڪري دل سان پڇتايون ٿا. انهن جي يادگيري اسان کي ڏاڍي ڏکي ٿي لڳي ۽ انهن برن ڪمن جي بار کي ڪڻي نٿا سگهون. اي ٻاجهارا بابا، اسان تي ٻاجهه ڪر ۽ جيڪي ڪجهه اسان بي واجبي ڪيو آهي، سو تون معاف فرماءِ ۽ ان ڳالهه جي سگهه بخش ته اڳتي اسان نئين چال ۾ هلت چلت سان تنهنجي خدمت ڪريون ۽ تنهنجي مرضي پوري ڪريون ته جيئن تنهنجي نالي جي واکاڻ ۾ جلوو ظاهر ٿئي. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي خداوند، تون رات ۾ ڏينهن جو ڏڻي آهين. اسان جي مدد ڪر، ته سچائيءَ جو آفتاب اسان جي دلين تي چمڪندو رهي، ته جيئن سيني برن خيالن جي اوندهه کي دور ڪري. اسان جي خدواند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# ستون ڏينهن
# صبح جي دعا

”دنيا جي هڪڙيءَ ڪنڊ کان وٺي ٻيءَ ڪنڊ تائين ٻين قومن ۾ منهنجي واکاڻ پئي ٿئي. هر هنڌ منهنجي لاءِ لوبان پيا ٻارين ۽ پاڪ نذرانا پيا پيش ڪن. درحقيقت انهن قومن ۾ منهنجو نالو ساراهيو وڃي ٿو.“
(ملاڪي 11:1)

اي خدا، اسان فرشتن جي سڄيءَ آسماني جماعت سان تنهنجي مبارڪ نالي جي تعريف ۽ وڏائي ٿا ڪريون ۽ هميشہ تنهنجي واکاڻ ٿا ڪريون تہ اي قدوس، قدوس، قدوس، لشڪرن جا خداوند خدا، آسمان ۽ زمين تنهنجي جلال سان ڀرپور آهن، اي خدا تعالیٰ تنهنجو ئي جلال هجي. (آمين)

اي اسان جا خداوند عيسىٰ مسيح، تون جو جهان جي گناهن کي کڻي ٿو وڃين ، اسان تي ٻاجهہ ڪر، اسان جي التجا قبول ڪر، تون جو خدا پيءُ جي ساڄي هٿ طرف  وينو آهين. اسان تي ٻاجهہ ڪر.

تون پاڪ آهين، فقط تون ئي مالڪ آهين، تون ئي اڪيلو، اي مسيح تون پاڪ روح سان خدا پيءُ جي جلوي ۾ سڀني کان اعلىٰ آهين. عيسىٰ مسيح جي نالي ۾،

(آمين)

# ستون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”خداوند جي حضور مان اوهين پنهنجي خوشي حاصل ڪريو، اهو ئي اوهان جي دل جون مرادون پوريون ڪندو ... اوهين خداوند آڏو راضي رهو ۽ مٿس توڪل رکو.“

(زبور 37:4 ۽ 7)

اي رحيم خدا، تون پنهنجي فضل سان ائين ڪر، جو اسان منجهان پراڻا خيال ۽ اجايون خواهشون ختم ٿي وڃن ۽ اسين نئين مخلوق ٿي پئون. يعني نوان انسان بڻجي پئون. تنهن سان گڏ اي خدا، اسان جون سڀئي نفسياني خواهشون به مري وڃن ۽ جيڪي ڳالهيون پاڪ روح سان لاڳاپو رکن ٿيون، سي اسان ۾ پيدا ٿين ۽ وڌنديون رهن. اسان کي اهڙي

طاقت ۽ قوت ڏي، جو شيطاني دنيا ۽ جسم جي خواهشن تي غالب پئي، فتحياب ٿيون. اي خداوند خدا اسان کي آسماني پلاين ۽ برڪتن سان مالا مال ڪر.

اي برڪتن ڏيڻ وارا خداوند خدا، تون جو هميشہ ڪان آهين ۽ سيني شين تي راڄ ٿو ڪرين، هي تنهنجي ٻاجهہ سان ٿئي. آمين.

عرش تي خدا جو جلوو ۽ زمين تي صلح، انهن ماڻهن منجهہ جن مان هو راضي آهي. اي خداوند خدا، آسماني بادشاهہ، قادر مطلق خدا ۽ مهربان پيءُ، اسين تنهنجي تعريف ٿا ڪريون. تون ئي سڀ ڳورو آهين. تنهنجي فرمانبرداري ٿا ڪريون، تنهنجو جلوو ظاهر ٿا ڪريون ۽ تنهنجي عظيم جلوي لاءِ تنهنجا ٿورائتا آهيون. عيسیٰ مسيح جي نالي ۾،

(آمين)

# ائون ڏينهن
# صبح جي دعا

”پر خدا اسان سان پنهنجو پيار انهيءَ مان ثابت ٿو ڪري جو جڏهن اسين اڃا گنهگار ئي هئاسين تہ مسيح اسان جي لاءِ مئو“.

(رومين 5:8)

اي خداوند، هاڻي اسان پاڻ کي روح سوڌو تنهنجي حضور ۾ نذر ٿا ڪريون تہ جيئن اسان، تنهنجي لاءِ هڪ پسنديدهہ پاڪ ۽ زندهہ قرباني ٿيون ۽ وڏي نياز ۽ نوڙت سان تو کي عرض ٿا ڪريون، تہ اسان تنهنجي ٻاجهہ ۽ آسماني برڪت سان ڀرجي وڃون. جيتوڻيڪ اسان پنهنجن مختلف گناهن جي ڪري تو لاءِ ڪنهن بہ قسم جي قرباني ڪرڻ جوڳا نہ آهيون. تڏهن بہ اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ اسان جي هيءَ دعا ۽ خدمت جا اسان لاءِ ڪرڻ ضروري آهي،

قبول ڪر. اسان جا گناھ خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان معاف ڪر.

سڀ وڏائي، اي قادر مطلق پيءُ تو لاءِ ۽ پاڪ روح لاءِ شال هميشہ تائين ٿيندي رهي . آمين

اي خداوند خدا، اسان تي ٻاجھہ ڪر ۽ اڄ جي ڪمن لاءِ اسان کي تيار ڪر. اسان کي سمجھہ ۽ جوول بخش تہ سڀيئين ڪم تنهنجي جلوي جي لاءِ ڪندا رهون. گناھ ڪرڻ کان بچندا رهون ۽ تنهنجي ۽ سڀني انسانن جي خدمت دل و جان سان پوري ڪريون، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان،

(آمين)

# اٺون ڏينھن
# سانجھيءَ جي دعا

”جڏھن اوھين دعا گھرو تڏھن رياڪارن وانگر نہ ٿيو. اھي عبادت خانن ۾ رستن جي چونڪن تي بيھي دعا گھرندا آھن تہ جيئن ھر ھڪ انھن کي ڏسي. آءٌ اوھان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ انھن کي پنھنجو اجر ملي چڪو. پر جڏھن اوھين دعا گھرو تہ پنھنجي ڪمري جا دروازا بند ڪري پنھنجي پيءُ کان دعا گھرو، جيڪو ڳُجھہ ۾ آھي. اوھان جو پيءُ جيڪو اوھان جا ڳجھا ڪم ڏسي ٿو سو اوھان کي ان جو اجر ڏيندو.“

(متي 6:5-6)

اي قادر مطلق خدا، تون جو دانائيءَ جو چشمو آهين، سو تون اسان جي گهرڻ کان اڳ ۾ اسان جي ضرورتن کي ڄاڻين ٿو. اسان جي بي وقوفيءَ کان بہ پوريءَ طرح واقف آهين. اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ اسان جي ڪمزورين ۾ اسان تي ٻاجھہ ڪر ۽ جن شين جي گهرڻ جي جرئت ڪري نٿا سگهون ۽ ائين بہ آهي تہ اسان جي اونداهپ يا انڌائپ جي ڪري اهي گهري نٿا سگهون . سي تون مهرباني ڪري پنهنجي اڪيلي پٽ اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي نالي ۾ اسان کي ڏي.

اي قادر مطلق ۽ دائمي خدا، اسان جي ڪمزورين تي ٻاجھہ جي نظر ڪر، اسان جي سيني ڊپن ۽ ڏکن ۾ تون پنهنجو ساڄو هٿ ڊگهيڙِي اسان کي مدد ڏئي بچاءِ. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان،

(آمين)

# نائون ڏينهن
# صبح جي دعا

”گهرو ته مليوَ، ڳوليو ته لڀيوَ ۽ در کڙڪايو ته کليوَ. ڇا لاءِ جو جيڪو گهرندو آهي تنهن کي ملندو آهي. جيڪو ڳوليندو آهي تنهن کي لڀندو آهي ۽ جيڪو در کڙڪائيندو آهي تنهن لاءِ کلندو آهي.“

(متي 7:7-8)

اي قادر مطلق، زنده خدا، تون پنهنجي مهربانيءَ جي ڪري، اسان پنهنجن ٻانهن کي نئين سر پيدا ڪر. اسان کي پنهنجي پاڪ روح سان پختو ڪر ۽ روزانو پنهنجي فضل جون هر طرح جون نعمتون، يعني عقل، سمجهه، حڪمت، روح ۽ روحاني قوت، دانائي ۽ سچي ديناداريءَ جو روح عنايت ڪندو رهه. اي خدا پنهنجي پاڪ خوف واري روح سان اسان کي هاڻي ۽ هميشه

ڀرپور ڪندو رهي. اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي قادر مطلق ۽ زنده خدا، اسان عرض ٿا ڪريون، ته تون پنهنجي وڏي مهرباني سان اسان جي دلين ۽ بدن ٻنهي جي اهڙي هدايت ڪر، پاڪائي بخش ۽ انهن تي تون حڪومت ڪر، ته اسين تنهنجي مرضيءَ ۽ حڪمن تي هلندا رهون، تان ته تنهنجي ڪامل قدرت جي سنڀال سان هن جهان ۾ ۽ هميشه تائين، اسان جو بدن ۽ روح سلامت رهن، هي سڀ اسين پنهنجي خداوند ۽ ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ گهرون ٿا،

(آمين)

# نائون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”شاگرد وٽس آيا ۽ جاڳائي چيائونس تہ ’اي سائين! اسان کي بچايو جو اسين هاٽي تہ ٻڏڻ تي آهيون.‘ تنهن تي عيسىٰ وراڻين تہ ’اوهين ايترا ڊنل ڇو آهيو؟ ڇا اوهان جو ايمان ايترو ئي آهي؟‘ هو اٿيو ۽ هوا ۽ ڇولين کي ڇينڀيائين تہ بلڪل ناپر ٿي ويئي.“

(متي 8:25-26)

اي خداوند پنهنجي پوري فضل ۽ ٻاجهہ سان اسان جي سڀني ڪمن ۾ اسان جي مدد ڪر ۽ پنهنجي مدد سان اسان کي اڳتي وڌاءِ تہ اسان جي سڀني ڪمن جي شروعات ۽ انهن جي پورائي تو سان ٿئي. انهيءَ لاءِ تہ اسين تنهنجي پاڪ نالي جي وڏائي ڪريون ۽

تنهنجي رحم ۽ پنهنجي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي دائمي زندگي حاصل ڪريون. آمين

اي خدا، جيڪي تو تي ڀروسو ٿا رکن، تن سڀني جي قوت تون ئي آهين. سو تون ٻاجهہ ڪري اسان جون التجائون قبول ڪر. ڇو جو اسين پنهنجي بشريت جي ڪمزوريءَ جي سبب ڪوبہ ڪم ڪري نٿا سگهون. جيستائين تون ساڻ نہ هجين. سو اي خداوند، تون پنهنجي فضل سان اسان جي مدد ڪر. جو اسين تنهنجي حڪمن تي هلي نيت ۽ عمل ٻنهي سان تو کي خوش ڪريون (نيت ۽ عمل ٻئي صاف ۽ پاڪ هجن) هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# ڏهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”جڏهن اهو ڏينهن ايندو تڏهن اوهين مون کان ڪجهہ بہ نہ گهرندا. پر آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ پيءُ اوهان کي اهو سڀ ڪجهہ ڏيندو، جيڪو اوهين ڪانئس منهنجي نالي تي گهرندا. هن وقت تائين اوهان منهنجي نالي تي ڪي بہ ڪين گهريو آهي. سو گهرو تہ مليوَ، تہ جيئن اوهان جي خوشي پوري ٿئي.“

(**يوحنا** 16:23-24)

اي مهربان خدا، تنهنجو سڳورو فرزند عيسىٰ مسيح پلايون ڪندو ۽ بيمارن کي چڱو ڀلو ڪندو رهيو. سو اي خداوند خدا. هن جا اهي سڀ ڀلاين وارا ڪم وري جاري ڪر. خاص ڪري اسان جي ملڪ جي

اسپتالن ۾ سيني مريضن کي شفا بخش، انهن جا اهنج ايذاءَ دور ڪر. ڊاڪٽرن نرسن کي دانائي ۽ حڪمت بخش ۽ انهن کي همدرديءَ جي جذبي سان گڏو گڏ برداشت ڪرڻ ۽ صبر ڪرڻ جي توفيق عطا ڪر. انهن کي پنهنجن برڪتن سان نواز، اهي ڏکايل ۽ دردناڪ انسان جيڪي خدمت ڪري، تنهنجي پيار ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن، اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي رب العالمين، اسان تو کي عرض ٿا ڪريون ته اسان هن مهل تائين تنهنجي حضور ۾ عرض ۽ التجائون ڪيون آهن، تون انهن تي ڪن ڏي، ۽ اهو به اسان کي بخش ته جيڪي شيون اسان تو کان ايمان سان گهريون آهن، جيڪي تنهنجي مرضيءَ موجب آهن. سي اهڙيءَ طرح سان ڏي ته جيئن اسان جون گهرجون پوريون ٿي وڃن ۽ اسان تنهنجي تعريف خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان ظاهر ڪريون.

(آمين)

# ڏهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”پوءِ جن يهودين مٿس ايمان آندو هو، عيسىٰ تن کي چيو ته ’جيڪڏهن اوهين منهنجي تعليم تي قائم رهندا ته اوهين سچ پچ منهنجا شاگرد آهيو. پوءِ اوهان کي سچ جي خبر پوندي ۽ اهو سچ اوهان کي آزاد ڪندو.‘ “

(يوحنا 8:31-32)

اي غفور و رحيم خدا، جيڪي ڪم تنهنجي پاڪ حضور ۾ پسند آهن ۽ نيڪ آهن، تن جو ارادو ڪرڻ ۽ وري انهن تي عمل ڪرڻ جي طاقت تو کان تي ملي. اسين حليميءَ سان عرض ٿا ڪريون ته هميشه اسان تي پنهنجو رحم ڪر، پنهنجي ٻاجهه ڪر، تو مهربان پيءُ جو رحمت وارو هٿ هر گهڙيءَ اسان سان

رهي. تون پنهنجي ڪلام جي سمجهه ۽ انهيءَ تي عمل ڪرڻ جي اهڙي هدايت ڪر، تہ جيئن آخرڪار اسان دائمي زندگي حاصل ڪري سگهون. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

اي آسماني پيءُ. پنهنجي فضل سان هن گهر کي پنهنجي پناهہ ۾ رک تہ هو سدائين تنهنجي جلوي سان منور رهي. جيستائين گهر جا سڀ ڀاتي تنهنجي ابدي بادشاهت ۾ نہ پهچن. تيستائين روزانو تنهنجو پاڪ روح حاصل ڪندا رهن. هي سڀ ڪجهہ اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي ٿئي.

(آمين)

# يارهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر نہ ڪريو، بلڪ سڀ ڪنهن ڳالهہ ۾ اوهين پنهنجا عرض، دعا ۽ منٿ جي وسيلي شڪر گذاري ڪرڻ سان خدا جي حضور ۾ پيش ڪندا ڪريو. تڏهن خدائي اطمينان، جيڪو سمجهہ ڪان بلڪل ٻاهر آهي، سو عيسىٰ مسيح سان گڏجي هڪ ٿيڻ جي حالت ۾ اوهان جي دلين ۽ دماغن جي نگهباني ڪندو“.
(فلپين 4:6-7)

اي ڏاڍي تعاليٰ، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون پنهنجو نور ظاهر ڪري، اسان جي وچ ۾ اچي پڌرو ٿيءُ ۽ هر طرح سان اسان جي اچي مدد ڪر. ڇالاءِ تہ اسان پنهنجن گناهن ۽ بچڙائين جي ڪري

مقرر ڪيل ڊوڙ ۾ اٽڪي ٽڪجي پيا آهيون، سو تون اي ڏٽي، پنهنجي گهٽيءَ ٻاجهہ ۽ رحم جي ڪري سگهو ئي اسان جي مدد ڪر ۽ اسان کي ڇوٽڪارو ڏي. هي سڀ ڪجهہ پنهنجي فرزند اسان جي خداوند مسيح جي ڪفاري جي واسطي ڪر. جنهن ڪي تو سان ۽ پاڪ روح سان پرپور ۽ هن زماني جي توڙ تائين، شان مان ۽ جلوو ملي.

اي خداوند خدا، اسان انهن سيني لاءِ دعا ٿا گهرون جيڪي تنهنجي مرضيءَ تي هلن ٿا ۽ تنهنجي بادشاهي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن، اهي تنهنجي فضل ۽ سچائيءَ سان پرپور ٿي ۽ تنهنجي ۽ پنهنجي پائرن جي خدمت ڪندا رهن.

(آمين)

# يارهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”جڏهن تہ شاهدن جي هيڏي وڏي ڪڪر اسان جو اچي گهيرو ڪيو آهي، تنهن ڪري اچو تہ اسين بہ هر هڪ رڪاوٽ ۽ انهيءَ گناهہ کي جيڪو اسان کي آسانيءَ سان منجهائي ٿو، پاسي ڪريون ۽ ثابت قدميءَ سان انهيءَ ڊوڙ ۾ ڊوڙون جيڪا اسان جي اڳيان آهي. اچو تہ اسين عيسىٰ ڏانهن نهاريندا رهون، جيڪو اسان جي ايمان جو باني ۽ ڪامل ڪندڙ آهي. هن انهيءَ خوشيءَ جي خاطر جيڪا بعد ۾ کيس ملڻي هئي، شرمندگيءَ جي پرواهہ نہ ڪري صليب جو ڏک سٺو ۽ خدا جي تخت جي ساڄي پاسي وڃي ويٺو.“

(عبرانين 12:1-2)

اي خدا، اسان سڀني قلم ڪارن، نقاشن، اخبار نويسن ۽ ٻين اهڙن فردن لاءِ دعا ٿا گهرون، ته هو سدائين سٺي نموني ۾ پنهنجا فرض نڀائيندا رهن. ته جيئن اسان جي زندگي سچائيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان ٺمٺار ٿئي.

اسان انهن لاءِ به دعا ٿا گهرون جيڪي غريبن جي خدمت پيا ڪن. ته هو ڪڏهن به دلگير ۽ نااميد نه ٿين، بلڪ دل وجان سان سڀني محتاجن جي مدد ڪندا رهن ۽ سڀ ڪان پهريائين خدا جي بادشاهت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

اسان سڀني ڊاڪٽرن ۽ نرسن لاءِ به دعا ٿا گهرون ته هو ديانتداريءَ سان پنهنجو فرض ادا ڪندي خداوند عيسىٰ جي پيروي ڪن، جيڪو روح ۽ بدن ٻنهي جو طبيب آهي.

(آمين)

# ٻارهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”شال قومون خوشيون ڪن ۽ سرهائيءَ جا گيت ڳائين! ڇو جو تون سچائيءَ سان ماڻهن جو انصاف ڪرين ٿو، ۽ ڌرتيءَ جي سڀني قومن جي رهنمائي ڪرين ٿو.“

(زبور 4:67)

اي اسانجا پالڻهار، اسين انهن لاءِ دعا ٿا ڪريون، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان اسان لاءِ محنت ٿا ڪن ۽ اسان جي زندگين جون ضرورتون پوريون ٿا ڪن. واپارين لاءِ جن تي ملڪي تجارت جي ذميواري آهي. اسان جي ڌڻيءَ جي در اها ئي دعا آهي، تہ هو هميشہ ٻين ماڻهن جو خيال رکن ۽ ڪڏهن بہ ناجائز نفعو نہ ڪمائين. اسان سڀني ايماندار خاندانن لاءِ بہ دعا ٿا ڪريون تہ انهن ۾ پاڪائي، پيار ۽ عزت

رهي ۽ ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ سان پوري پوري محبت
ڪن ۽ والدين پنهنجي اولاد جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش
ڪن.

اي ڏاڍي سڀڳورا، تو سڀ پاڪ لکتون اسان جي
تعليم، هدايت ۽ نصيحت لاءِ لکايون آهن. سو اي
خداوند ، تون اهو فهم بخش، تہ اسان انهن کي اهڙيءَ
طرح ٻڌون ۽ پڙهي پنهنجي دل ۾ هنڊايون، جو
تنهنجي پاڪ ڪتاب مان صبر ۽ دلاسو حاصل ڪريون
۽ انهيءَ زندگيءَ جي اميد کي حاصل ڪري سگهون.
جا تو اسان جي بچائيندڙ عيسىٰ مسيح جي ڪري ڏني
آهي.

(آمين)

# ٻارهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اوهين خداوند جي لاءِ ڪو نئون گيت ڳايو، ڇو جو هن عجيب و غريب ڪم ڏيکاريا آهن. هن پنهنجي زورآور هٿ، هائو، پنهنجي الاهي قدرت سان فتح حاصل ڪئي آهي. خداوند دنيا جي سڀني قومن تي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته هو انصاف ڪرڻ ۽ ڇڏائڻ جي قدرت رکي ٿو.“

(زبور 98:1-2)

اي ٻاجهارا ڏاڏي، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون، ته تون اسان تي پنهنجي سچائيءَ جو نور پڌرو ڪر، ته اسان تنهنجي پاڪ تعليم جي وسيلي اهڙا منور ٿيون ۽ تنهنجي سچائيءَ جي نور ۾ اهڙيءَ طرح هلون، جو

نيٺ اسين هميشہ جي زندگيءَ جي نور ۾ پهچون. هي اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي ٿئي.

اي قادر مطلق خدا، جيڪي بڇڙيون خواهشون اسان منجهہ آهن انهن کي مات ڪر ۽ پنهنجي وڏي ٻاجهہ جي سببان اسان کي اهڙي طاقت ڏي، جو اسين پنهنجي هلت چلت جي، پاڪائي ۽ ايمان جي ثابت قدميءَ سان موت تائين تنهنجي پاڪ نالي جي وڏائي ڪندا رهون. هي اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# تيرهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اي ڌرتيءَ جا سڀيئي رهاڪؤ! خداوند لاءِ خوشيءَ مان نعرا هڻو. جوش و جذبي سان خوشيءَ جا گيت ڳائي واکاڻ ڪريو.“

(زبور 4:98)

اي خدا تعاليٰ، تنهنجو نور، اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي، سو اسان جي دلين ۽ خيالن کي روشن ڪر ۽ اسان کي اهڙو اطمينان ڏي جو دنيا اسان کي ڏيئي نٿي سگهي ۽ نہ اسان کان وٺي ٿي سگهي.

اي پاڪ خدا تو ٻين قومن تي، تارن جي ڏس ڪري پنهنجي هڪڙي ئي پٽ کي پڌرو ڪيو، سو خداوند خدا تون ٻاجهہ ڪري هيئن ڪر تہ اسين جي هاڻي ايمان جي مدد سان تو کي سڃاڻون ٿا، سي هن

زندگيءَ کان پوءِ تنهنجي جلوي واري الوهيت جي خوشيءَ ۾ پائيوار ٿيون. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي خداوند، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون ته تون پنهنجي ٻاجهه ڪري پنهنجن ٻانهن جون دعائون ٻڌ، جيڪي تنهنجي حضور ۾ دانهون ٿا ڪن، تن تي هي ٻه پنهنجو فضل ڪر، ته جيڪي ڪم اسان کي ڪرڻا آهن، تن کي اسين پروڙيون ۽ تنهنجي بيحد قوت جي مدد سان ۽ وفاداريءَ سان بجاءِ آڻيون. هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# تيرهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”سڀ درياءَ تاڙيون وڄائين، ۽ پهاڙ گڏجي خوشيءَ سان ڳائين. ڇالاءِ جو هو اچي ٿو، تان تہ دنيا وارن جو انصاف ڪري. هائو، هو انصاف ۽ سچائيءَ سان دنيا جي قومن جي عدالت ڪندو.“

(زبور 98:8-9)

اي ڌڻي تعاليٰ، تون آسمان ۽ زمين جي سڀني شين تي حڪومت ٿو ڪرين، مهرباني ڪري پنهنجن ماڻهن جون منٿون ٻڌ ۽ اسان جي سڄي زندگيءَ ۾ اسان کي پورو آرام ڏي. صلح ۽ اطمينان بخش اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي خدا، تنهنجو سڳورو فرزند مسيح. انهيءَ لاءِ هن دنيا ۾ آيو تہ شيطان جا ڪم ناس ڪري ۽ اسان کي خدا جي خاندان ۾ شريڪ ڪري ۽ هميشہ جي زندگيءَ جو وارث بڻائي. اسين تو کي التجا ٿا ڪريون تہ تون اسان لاءِ هيئن ڪر. جو اسين اها اميد رکي پاڻ کي اهڙو پاڪ ڪريون، جهڙو تون پاڪ آهين. تان تہ وڏي قدرت ۽ جلوي واريءَ بادشاهت ۾ تو جهڙا ٿيون. جتي اي بابا. تو سان ۽ پاڪ روح سان سدائين هڪڙو خدا هميشہ تائين جيئرو ٿو رهي ۽ بادشاهي ٿو ڪري.

(آمين)

# چوڏهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”هر وقت خوش رهو. سدائين دعا گهرندا رهو. هر حالت ۾ شڪر گذاري ڪريو، ڇا لاءِ جو عيسىٰ مسيح جا هئڻ ڪري اوهان بابت خدا جي اها ئي مرضي آهي. پاڪ روح ، جيڪو باهه مثل آهي. تنهن کي نہ وسايو. جيڪڏهن ڪو نبين وانگر خدا جو پيغام ٻڌائي ٿو تہ ان پيغام کي اجايو نہ سمجهو. سڀني ڳالهين کي پرکيو، جيڪا چڱي هجي تنهن کي اختيار ڪريو. هر قسم جي برائيءَ کان پاسو ڪريو.

شال اطمينان بخشيندڙ خدا پاڻ اوهان کي پوريءَ طرح پاڪ ڪري، شال هو اوهان جي روح، جان ۽ بدن کي يعني اوهان کي مڪمل طور اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي اچڻ تائين بي عيب رکي. جنهن اوهان کي سڏيو آهي. سو سچو آهي ۽ هو ائين ئي ڪندو.

اي ڀائرو ۽ ڀينرو! اسان جي لاءِ دعا
گهرو.“ (1- ٿسلونيڪين 5:16-25)

اي خدا، تو کي خبر آهي ته اسان ايترن وڏن خطرن ۾ پيا آهيون، جو ڪمزوريءَ جي سبب جي ڪري هميشه ثابت قدم رهي نٿا سگهون. سو تون اهڙي طاقت ۽ پناهه ڏي، جو اسين سڀني جوکن ۾ قائم رهون ۽ سڀني آزمائشن کان بچندا رهون. هي اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

اي پاڪ خدا، تون پنهنجي مخلوق مان ڪنهن سان به وير نٿو رکين، پر جيڪي سچي توبهه ٿا ڪن، تن جا گناهه معاف ٿو ڪرين. سو تون اسان منجهه نيون دليون پيدا ڪر، جيڪي توبهه ڪرڻ واريون دليون هجن ۽ پنهنجي بڇڙائي باسيندي تو کان پوري پوري معافي حاصل ڪن. ڇو جو تون ٻاجهارو خدا آهين ۽ تنهنجي مرضي نه آهي، ته اسين برباد ٿيون بلڪ تون چاهين ٿو ته اسين ڇوٽڪارو حاصل ڪريون، هي اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# چوڏهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”انهيءَ ڪري جنهن ڏينهن ڪان وٺي اسان اوهان جي باري ۾ ٻڌو آهي، اوهان لاءِ خدا ڪان دعا گهرڻ ۽ هي عرض ڪرڻ ڪان بس نٿا ڪريون ته شال هو سموري روحاني سجاڻپ ۽ سمجهه وسيلي اوهان کي پنهنجي مرضيءَ جي سياڻپ سان ڀري ڇڏي. اها دعا اسين انهيءَ لاءِ ٿا گهرون ته جيئن اوهين پنهنجي زندگي خداوند جي لائق گذاري سگهو، هن کي هر طرح خوش رکي سگهو ۽ هر ڪنهن چڱي ڪم ۾ ڦلدار ٿيندي خدا جي سڃاڻپ ۾ وڌندا وڃو. شال اوهين هن جي جلال واري قدرت موجب هر طرح جي طاقت سان مضبوط ٿيندا وڃو، ته جيئن خوشيءَ سان صبر ۽ تحمل ڪري سگهو. خدا پيءُ جا شڪرانا ڪندا رهو، جنهن اوهان کي روشنيءَ واري بادشاهت ۾ پنهنجي قوم

سان گڏ ورثي جا حصيدار ٿيڻ جي لائق ڪيو آهي“.

(ڪلسين 1:9-12)

اي خداوند خدا، اسان انهن لاءِ دعا ٿا گهرون جي بي خبر ۽ بي وفا آهن يا گمراهه ٿيا آهن ۽ سيني قيدين ۽ ڏوهارين لاءِ بہ تہ تون انهن تي ٻاجهہ ڪر ۽ اهڙو فضل ڪرين، جو سندن روح برباد نہ ٿين بلڪ بچي پون.

اسان انهن لاءِ بہ دعا ٿا گهرون، جي جسماني ۽ دماغي مريض آهن، تون انهن کي صحت ڏي ۽ جيڪي دلگير يا ڏکن ۾ مبتلا آهن، تن جي مدد ڪر ۽ کين تسلي ڏي جيڪي مرڻ تي آهن، انهن کي پنهنجي حضوري بخش تہ موت جي پاڇي جي ماٿريءَ ۾ تو کان طاقت حاصل ڪن. ۽ جڏهن هو موت جي ننڊ مان سجاڳ ٿين، تڏهن تنهنجو ديدار مبارڪ حاصل ڪن. اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# پندرهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”انهيءَ سبب ڪري آءٌ آسماني پيءُ جي اڳيان سجدو ڪريان ٿو، جنهن ڪان آسمان ۾ ۽ زمين تي، ايمان وارن جي سموري خاندان کي نالو ٿو ملي. منهنجي دعا آهي تہ هو پنهنجي جلال ڀري دولت موجب اوهان کي پنهنجي پاڪ روح جي وسيلي طاقت عطا ڪري تہ اوهين پنهنجي اندر ۾ زورآور ٿيو ۽ ايمان جي وسيلي مسيح اوهان جي دلين ۾ رهي. منهنجي هيءَ بہ دعا آهي تہ اوهين محبت ۾ پاڙ هڻي ۽ پيڙهہ ڄمائي اهڙا مضبوط ٿيو جو خدا جي سڀني قوم سان گڏجي پوريءَ طرح سمجهي سگهو تہ مسيح جي محبت جي ويڪرائي، ڊگهائي، اوچائي ۽ اونهائي

ڪيتري آهي. يعني مسيح جي انهيءَ
محبت کي ڄاڻي سگهو جيڪا سمجهہ کان
ٻاهر آهي، تہ جيئن اوهين خدا جي ساري
ڀرپوريءَ تائين ڀرپور ٿيو.“
(افسين 3:14-19)

اي خدا اسان دعا ٿا گهرون تہ اسان جيڪي هن عجيب زماني ۾ زندهہ ۽ سلامت آهيون، ڪڏهن بہ خود غرض ۽ فڪرمند نہ ٿيون بلڪ تنهنجي بهادريءَ ۽ دليريءَ جي روح سان ڀرجي وڃون. اي خدا، اها طاقت بہ بخش تہ اسان پنجنهجي لاءِ ۽ سڀني لاءِ خاص ڪري انهن لاءِ جيڪي اسان سان ملن جلن ٿا خوشيءَ جا وسيلا ٿيون ۽ انهن جي دلين کي بہ اميد ۽ آرام پهچايون.

اي خداوند اسان کي پنهنجي هستيءَ ۽ خوبصورتيءَ جو مڪاشفو بخش، تہ اسان تنهنجي قوت جي خوشي حاصل ڪري پوريءَ طرح پنهنجا فرض ادا ڪندا رهون. (آمين)

# پندرهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”ساڳيءَ طرح اوهان جي روشني بہ ماڻهن
اڳيان ائين چمڪي جو اهي اوهان جا چڱا
ڪم ڏسي اوهان جو پيءُ، جيڪو آسمان
۾ آهي تنهن جي واکاڻ ڪن.“

(متي 16:5)

اي ڏڻي تعاليٰ، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون، تہ تون ٻاجھہ ڪري پنهنجن ماڻهن جون دعائون ٻڌ، اسان جيڪي پنهنجن گناهن جي ڪري واجبي سزا ٿا سهون، سي تنهنجي نالي جي جلوي لاءِ ۽ تنهنجيءَ ٻاجھہ جي وسيلي سزا کان آزاد ٿيون. هي اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي وسيلي ٿئي. جو تو سان ۽ پاڪ روح سان هميشہ تائين زندھہ ٿو رهي ۽ بادشاهي ٿو ڪري.

اي ڌڻي تعاليٰ، جيڪي اسان ڪريون ٿا تنهن جي تو کي خبر آهي ۽ ان تي اسان ڀروسو نٿا ڪريون، سو تون پنهنجي ٻاجهه ڪر، تہ جيئن اسان تنهنجي قدرت جي ڪري سڀ ڪنهن مصيبت کان آزاد ٿيون، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي ڌڻي، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون پنهنجي ماڻهن کي هميشہ سچي واٽ تي قائم رک ۽ اهي جيڪي فقط تنهنجي آسماني فضل تي ڀروسو ٿا ڪن، سي تنهنجي بيحد قوت جي ڪري سدائين سلامت رهن. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# سورهون ڏينهن

# صبح جي دعا

”چا لاءِ جو منهنجين اکين تنهنجو ڇوٽڪارو ڏٺو آهي، جيڪو تو سڀني قومن جي اڳيان تيار ڪيو آهي، يعني غير قومن لاءِ تنهنجي رستي تي هلڻ ڪاڻ روشنائي ۽ تنهنجي قوم بني اسرائيل لاءِ وڏائي. “

(لوقا 2:30-32)

اي ڏڻي تعاليٰ، تو اسان کي اهو سيکاريو آهي، تہ اسان جا مڙوئي ڪم جيڪي پيار ۽ محبت کان سواءِ آهن، سي اجايا ۽ بي مقصد آهن. سو اي خداوند پنهنجو پاڪ روح موڪلي اسان جي دلين ۾ پيار پيدا ڪر جو بين سڀني نعمتن کان اعلىٰ ۽ افضل آهي، ۽ سلامتي ۽ بين سڀني خوبين جو بنڌڻ آهي. ڇالاءِ تہ

جنهن ۾ پيار نہ آهي، سو تنهنجي نظر ۾ مڙدي مثل آهي، هي پنهنجي سڪيلڏي فرزند عيسىٰ مسيح جي نالي ڪري بخش. آمين

اي مسيح خداوند، تو اسان لاءِ چاليھہ ڏينهن ۽ چاليھہ راتيون روزو رکيو، اسان تي رحم ڪر ۽ اسان کي قوت ڏي، تہ اسان جو روح هميشہ اسان جي جسم کي قابوءَ ۾ رکندو رهي. انهيءَ لاءِ تہ اسان سچائيءَ ۽ پاڪائيءَ سان تنهنجي شان مان ۽ جلوي لاءِ الاهي نصيحتن موجب هلون، ڇو جو تون هڪڙو خدا پيءُ ۽ پاڪ روح سان هميشہ جيئرو ٿو رهين ۽ بادشاهي ٿو ڪرين.

(آمين)

# سورهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اچو تہ اسين خداوند جا گيت ڳايون. اسين پنهنجي محافظ ۽ بچائيندڙ لاءِ خوشيءَ جا نعرا هڻون. اچو تہ اسين شڪر گذاري ڪندا انهيءَ جي حضور ۾ حاضر ٿيون، ۽ گيت ڳائيندي هن جي آڏو خوشيءَ جا نعرا هڻون.“

(زبور 95:1-2)

اي قادر مطلق خدا، اسان منٿ ٿا ڪريون، تہ ٻاجهہ ڪري پنهنجي ماڻهن ڏانهن نظر ڪر، تہ جيئن بي حد ڀلائيءَ جي ڪري سندن دائمي جسم تنهنجي نگهبانيءَ ۾ رهن هي اسان جي خداوند مسيح جي ڪري ٿئي.

اي زندهہ خدا، تو پنهنجو پيار ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي فرزند، اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ مسيح کي موڪليو ۽ هن اسان جهڙو جسم اختيار ڪري، صليب تي موت ۽ ڏک سَنو، تہ جيئن سڀ ماڻهو سندس حليميءَ واري نموني تي هلن، سو تون رحم ڪر، تہ اسين سندس صابرين طبيعت جي مطابق هلون ۽ سندس وري جي اٿڻ ۾ پائيوار ٿيون. هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان ٿئي.

(آمين)

# سترهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اوهين انسان ذات لاءِ لوڻ مثل آهيو. جيڪڏهن لوڻ پنهنجو سواد ڇڏي ڏي تہ ان کي وري سوادي بڻائڻ لاءِ ڪوبہ طريقو نہ آهي. اهو بيڪار ٿي پوندو، تنهن ڪري ٿڪي ڪيو ويندو ۽ ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙيو ويندو.“

(متي 5:13)

اي مهربان خدا، تو ئي سڀني ماڻهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ تون ڪنهن سان بہ وير نٿو رکين، نڪي ڪنهن گنهگار جي بربادي گهرين ٿو، بلڪ تنهنجي مرضي آهي، تہ هر هڪ شخص تو ڏانهن ڦري اچي ۽ زنده رهي. اي خدا، تون سڀني ماڻهن تي رحم ڪر ۽ جيڪي نادان ۽ سخت دل آهن ۽ تنهنجي ڪلام کي

ڏکارين ٿا تن کي توبه جي توفيق ڏي ۽ انهن کي سمجهه ڏي تہ هو پنهنجن بڇڙن ڪمن کان پاسو ڪري تنهنجي واٽ تي هلڻ جي ڪوشش ڪن، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي اسان جا آسماني بابا، تون اهڙي پيار جي لائق آهين، جو نہ اسين ڪري سگهون ٿا ۽ نہ وري سمجهي سگهون ٿا. اسان جي دلين کي پنهنجي پيار سان ڀري ڇڏ، تہ اسين هميشہ تنهنجي مرضيءَ تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ سڀ ڪجهه تو لاءِ خوشيءَ سان سهون ۽ دل وجان سان محنت ڪريون، اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# سترهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اوهين سڄي جهان لاءِ روشنيءَ مثل آهيو.
جيڪو شهر ٽڪر تي اڏيل آهي اهو لڪي
نہ سگهندو. ڪوبہ ماڻهو ڏيئو ٻاري ڍڪڻ
هيٺان نٿو رکي پر هو ان کي ڏياٽيءَ تي
ٿو رکي جتان گهر جي هر هڪ ڀاتيءَ کي
روشني پهچي ٿي.“

(متي 5:14-15)

اي پاڪ خدا، جيڪي تو تي ڀروسو رکن ٿا، تن سڀني جي طاقت تون ئي آهين. سو تون ٻاجهہ ڪري اسان جون التجائون قبول ڪر. ڇو جو اسين پنهنجي ڪمزوريءَ جي ڪري ڪوبہ ڪم ڪري نٿا سگهون، جيستائين تون ساڻ نہ هجين. تنهن ڪري تون پنهنجي فضل سان اسان جي مدد ڪر، تہ اسين تنهنجي حڪمن

تي هلي نيت ۽ عمل ٻئي درست رکون ۽ تو وٽ قبول پئون. هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

اي ڌڻي تعاليٰ، تون سدائين انهن جي مدد ۽ هدايت ٿو ڪرين، جيڪي تنهنجي پيار ۽ خوف ۾ ثابت قدم ٿا رهن اسان تو کي عرض ٿا ڪريون، ته تون انهن کي پنهنجي رحم ۽ پناھ ۾ رک ۽ بخش ته اسان هر لمحي تنهنجي پاڪ نالي جو ڊپ ۽ پيار پنهنجيءَ دل ۾ رکون. اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

(آمين)

# ارڙهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اسان جي عيد فصح جو گهيٽو يعني مسيح قرباني تي ويو آهي.“

(1- ڪرنٿين 7:5)

”اسان کي اها به خبر آهي ته مسيح مئلن مان جيئرو ٿي اٿيو آهي ۽ وري مرڻ جو نه آهي، ڇالاءِ جو هاڻي موت جو مٿس ڪوبه اختيار نه آهي.“

(رومين 9:6)

اي مهربان خدا، تو پنهنجو هڪڙو ئي فرزند هن لاءِ ڏنو، ته هو اسان جي گناهن جو ڪفارو ۽ سچائيءَ جو نمونو ٿئي. تون اسان تي پنهنجو فضل ڪر، ته اسان بيحد شڪر گذاري ڪندي سندس نهايت قيمتي بخشش قبول ڪندا رهون ۽ ڏينهون ڏينهن سندس

پاڪ زندگيءَ جي نموني تي هلڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندا رهون. هي اسان جي سڳوري مسيح جي ناليءِ ٿئي.

اي ٻاجهارا خدا، جيڪي گمراھ ٿي ويا آهن تن کي تون پنهنجي سچائيءَ جو سوجهرو ان لاءِ ڏيکارين تہ جيئن اهي سچائيءَ جي واٽ تي وري اچن. خداوند خدا، تون انهن کي بخش، جيڪي تو کي پيار ٿا ڪن، سي انهن ڳالهين کان پري رهن ۽ جيڪي ڳالهيون تنهنجي مرضيءَ جي خلاف آهن، تن کان پاسو ڪن ۽ جيڪي ڳالهيون تنهنجي مرضي مطابق آهن، تن کي مجيندا رهن. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان.

(آمين)

# ارڙهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”پر سچ پچ مسيح مئلن مان اٿاريو ويو آهي ۽ سڀني مري ويلن جي پهرين مراد آهي. جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي وسيلي موت آيو، تهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي ئي وسيلي مڙدن جو جي اٿڻ بہ آيو آهي. جيئن آدم جا هئڻ ڪري سڀ مرن ٿا، تيئن ئي جيڪي مسيح جا هونداسي سڀ جياريا ويندا.“

(1- ڪرنٿين 15:20-22)

اي اسان جا رب، تون ئي ڏوهارين جي بري ارادن ۽ مرضيءَ کي ڦيرائي ٿو سگهين، خداوند خدا، جيڪي تو فرمايو آهي، تنهنجا ماڻهو ان کي قبول ڪن ۽ جنهن ڳالهہ جو تو واعدو ڪيو آهي تنهن جا

طالب ٿين، تان تہ زماني جي لاهين چاڙهين هئڻ جي باوجود بہ اسان جون دليون اوڏانهن ئي هجن، جتي حقيقي خوشيون موجود آهن. اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ مسيح جي وسيلي نالي سان،

اي خداوند خدا، اسان ۾ جيڪي خوبيون آهن اهي سڀ تو کان ئي عطا ٿيون آهن. اسان نماڻن ٻانهن کي هي بخش تہ اسان ۾ تنهنجي پاڪ روح سان نيڪ خيال پيدا ٿين ۽ تنهنجي ٻاجهہ جي رهنمائيءَ ۾ انهن کي پورو ڪريون هي اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# اوڙيھون ڏينھن
# صبح جي دعا

”اي انسانو! خداوند تہ اوھان کي ٻڌائي ڇڏيو آھي تہ ھو اسان کان ڇا ٿو چاھي. خداوند اسان کان ھنن چڱين ڳالھين کان علاوه ٻيو ڪجھہ نہ ٿو چاھي تہ اسين ھڪ ٻئي سان انصاف ڪريون، رحمدليءَ کي بيحد عزيز ڄاڻون، ۽ پنھنجي خدا آڏو نماڻا ٿي رھون.“

(ميڪاه 6:8)

اي خدا جيڪي تو کي پيار ٿا ڪن، انھن جي لاءِ تو اھڙيون نعمتون تيار ڪيون آھن، جي انسان جي سمجھہ کان ٻاھر آھن. اسان جي دلين ۾ اھڙو پيار پيدا ڪر، جو اسين تو کي ھر ڪنھن ٻئي شيءِ ۽ ھستيءَ کان وڌيڪ پيار ڪريون ۽ تنھنجن واعدن کي، جيڪي

اسان جي خواهشن کان گهڻو مٿانهان آهن، حاصل ڪريون.

اي قدرت ۽ طاقت جا مالڪ، تون سڀني چڱين نعمتن جو باني ۽ عطا ڪرڻ وارو آهين. اسان جي دلين ۾ پنهنجي نالي جو پيار پيدا ڪر، اسان منجهه سچي دينداريءَ کي وڌاءِ ۽ سڀني نيڪ خواهشن کي ترقي ڏي ۽ پنهنجي بي انداز ٻاجهه جي ڪري، اسان کي انهن ۾ قائم رک.

اي خدا تنهنجي ڪامل مرضيءَ جي ڪري زمين ۽ آسمان جي سڀني ڳالهين جو انتظام هلندڙ آهي. اسان نماڻائيءَ سان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ سڀيئي نقصان واريون شيون اسان کان پري ڪر ۽ سڀيئي مفيد شيون اسان کي ڏي.

(آمين)

# اوڻيهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”پر اها گهڙي اچي رهي آهي، بلڪ هاڻي اچي پهتي آهي، جڏهن سچا عبادت ڪندڙ پيءُ جي عبادت روح ۽ سچائيءَ سان ڪندا ۽ پيءُ به اهڙن عبادت ڪندڙن کي چاهي ٿو. خدا روح آهي ۽ عبادت ڪندڙن کي به روح ۽ سچائيءَ سان سندس عبادت ڪرڻ گهرجي.“

(يوحنا 4:23-24)

اي ڌڻي، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون ته تون اسان کي اهڙي سمجهه ڏي، جو جيڪي ڳالهيون صحيح آهن، تن تي ڌيان ڏيون ۽ انهن کي ڪم ۾ آڻيون، انهيءَ لاءِ ته اسان، تو کان سواءِ ڪوبه چڱو ڪم ڪري نه ٿا سگهون ۽ اهو به بخش، ته اسين

تنهنجي مدد سان هن دنيا ۾ رهندي، تنهنجي مرضي پوري ڪريون.

اي خداوند! تنهنجا ڪن، تنهنجن نماڻن بندن جي دعائن تي لڳا رهن ۽ جيڪي شيون تو کي پسند آهن، تن جي طلب انهن کي ڏي، تان ته سندن مرادون پوريون ٿين. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي وسيلي سان .

اي خدا! تون پنهنجي پوري قدرت رحم ۽ ٻاجھ ڪرڻ ۾ پڌري ٿو ڪرين. سو تون پنهنجي رحم ۽ ٻاجھ سان اسان تي اهڙو فضل ڪر، ته اسان تنهنجن حڪمن تي هلندا رهون. تنهنجي رحم جا واعدا ماڻيون ۽ تنهنجي آسماني خزاني جا ڀائيوار ٿيون.

(آمين)

# ويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”سو اوهين ڳڻتي نہ ڪريو تہ ’ڇا کائينداسين؟‘ يا ’ڇا پيئنداسين؟‘ يا ’ڇا پهرينداسين؟‘ غير يامان وارا ئي تہ انهن شين جون ڳولائو هونديون آهن. اوهان جو آسمان وارو پيءُ ڄاڻي ٿو تہ اوهان کي هي سڀ شيون گهرجن. پر اوهين پهريائين آسمان واري بادشاهت ۽ سندس سچائيءَ کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڳوليو تہ هي سڀ شيون بہ اوهان کي ملنديون.“

(متي 6:31-33)

اي ازلي خدا، تون اسان جي گهرڻ کان پهريائين ڄاڻين ٿو ۽ اسان جون التجائون ٻڌڻ لاءِ تون تيار آهين. ائين بہ آهي تہ تون اسان جي منٿن ۽ لياقتن

ٻنهي ڪان وڏيڪ ڏيندو رهين ٿو، اسان تي پنهنجي بيحد ٻاجهہ ڪر ۽ جن ڳالهين جي ڪري اسان جون دليون ڏڄن ٿيون، انهن ڳالهين کي اسان ڪان پري ڪر ۽ اهي چڱيون شيون اسان کي ڏي، جن جي گهرڻ جا اسان لائق بہ نہ آهيون. پر فقط تنهنجي فرزند ۽ اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ مسيح جي ڪري گهرون ٿا.

اي قادر مطلق ۽ رحيم خدا، تنهنجا ايماندار ماڻهو رڳو تنهنجي فضل جي ڪري حقيقي ۽ پسنديده خدمت ڪري سگهن ٿا. اسان عرض ٿا ڪريون تہ هن زندگيءَ ۾ تنهنجي خدمت اهڙي ايمانداريءَ سان ڪندا رهون، جو اسان تنهنجي آسماني واعدن ڪان محروم نہ رهون، هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# ويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”مون کي سيکار تہ آءٌ تنهنجي مرضيءَ تي هلان، ڇالاءِ جو تون ئي منهنجو خدا آهين. بيشڪ تون ڀلو آهين، سو مون کي سڌيءَ راهہ تي هلاءِ. اي خداوند! پنهنجي نالي خاطر مون کي جيئرو رک، ۽ پنهنجي سچائيءَ موجب مون کي تڪليفن مان ڪڍ.“

(زبور 143:10-11)

اي قادر مطلق ۽ ازلي خدا، ايمان، اميد ۽ محبت اسان منجهہ وڌاءِ، انهيءَ لاءِ تہ اسان تنهنجن واعدن کي حاصل ڪريون ۽ تنهنجا حڪم اسان کي پيارا لڳن. اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي ڏڻي تعالىٰ، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون پنهنجي دائمي ٻاجھہ جي ڪري اسان کي سلامت رک. اسان ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي ڪمزوريءَ جي ڪري بچي نہ ٿا سگھون. تنهن صورت ۾ تون اسان جي مدد ڪر ۽ سيني نقصان وارين شين کان بچائي وٺ ۽ جيڪي ڳالهيون اسان جي ڇوٽڪاري لاءِ فائديمند آهن انهن ڏانهن اسان جي هدايت فرماءِ. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

(آمين)

# ايڪيهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”تہ پوءِ منهنجي هيءَ خوشي پوري ڪريو تہ هڪ دل ٿي ۽ هڪ جهڙي محبت رکي، هڪ روح ٿيو ۽ هم خيال رهو. ذاتي لالچ ۽ اجائي هٺ کان ڪجهہ بہ نہ ڪريو، بلڪ نماٺائيءَ سان هڪ ٻئي کي پاڻ کان بهتر سمجهو.“

(**فلپين** 2:2-3)

اي ڏٽي تعاليٰ، اسين تو کي التجا ٿا ڪريون، تہ تنهنجو فضل اسان جي رهبري ڪري ۽ اسان کي هر وقت سڀني نيڪ ۽ ڀلن ڪمن ڪرڻ ۾ مصروف رکي. اسان جي خداوند مسيح جي نالي سان.

اي ڏڏي تعاليٰ، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون، تہ
تون پنهنجن ماڻهن کي اهڙو فضل بخش جو هو هن
جهان جي بديءَ جو، پنهنجي نفس جو ۽ شيطان جي
ڦندن جو مقابلو ڪن ۽ صاف دل ۽ پاڪ نيت سان تو
واحد خدا جي پيروي ڪن، اسان جي پياري عيسيٰ
مسيح جي نالي ۾.

(آمين)

# ايڪيهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”ڪنهن به انسان ذات ڪڏهن به خدا کي نه ڏٺو آهي. پر جيڪڏهن اسين هڪ ٻئي سان پيار ڪريون ٿا ته خدا اسان ۾ رهي ٿو ۽ سندس پيار اسان ۾ مڪمل ٿئي ٿو. اسان کي خبر آهي ۽ اهو يقين آهي ته خدا جو اسان سان پيار آهي، خدا پيار آهي، جيڪو پيار ۾ رهي ٿو سو خدا ۾ رهي ٿو ۽ خدا به انهيءَ ۾ رهي ٿو.“

(1- يوحنا 4:12ءِ 16)

اي مهربان خدا، تو پنهنجي هڪڙي ئي پٽ عيسىٰ مسيح جي ڪري موت کي شڪست ڏئي، هميشه جي جياپي وارو در اسان لاءِ کوليو آهي. اسين نوڙت سان تو کي عرض ٿا ڪريون ته جيئن تون اسان

کي خاص فضل ڏيئي، دلين ۾ چڱيون خواهشون پيدا ٿو ڪرين، تيئن اهو فضل ڪر تہ تنهنجي ابدي مدد جي ڪري انهن کي عمل ۾ آڻيون. هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي، جو تو سان ۽ پاڪ روح سان هڪڙو ئي خدا هميشہ تائين جيئرو ٿو رهي ۽ بادشاهي ٿو ڪري.

اي خداوند اسان جا خدا، اسان کي فضل بخش، تہ اسين دل و جان سان تنهنجو ديدار مبارڪ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، ڇالاءِ تہ جيڪو تو کي دل سان ڳولي ٿو، سو تو کي حاصل ڪري ٿو. اسان کي خبر آهي تہ جڏهن اسان تو کي ڏسنداسون، تڏهن اسين ضرور دل سان تو کي پيار ڪنداسون ۽ پوءِ انهن گناهن کان نفرت ڪنداسين جن جي ڪري اسين تنهنجي حضوريءَ کي محسوس ڪري نٿا سگهون.

(آمين)

# ٻاويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”خداوند رحيم ۽ ڪريم آهي، هو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ ڍرو ۽ ٻاجھ سان ڀرپور آهي. هو قوم کي سدائين ڇينڀيندو ڪين رهندو، نڪي وري هو پنهنجي غصي کي هميشه لاءِ جاري رکندو.“

(زبور 103:8-9)

اي خداوند خدا، اسان جي مدد ڪر ته اسين ٻين ماڻهن جا قصور اهڙيءَ طرح معاف ڪريون جهڙيءَ طرح تون اسان جا ڏوھ معاف ٿو ڪرين. اسان کي فضل بخش ته اسين پنهنجن ڏوهارين کي دل وجان سان معاف ڪريون ۽ هڪ ٻئي سان پيار ڪريون، جيئن تون اسان سان پيار ٿو ڪرين.

اسان کي اها خواهش ۽ طاقت ڏي تہ اسين هميشہ تنهنجي مرضيءَ تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، ڇو جو جيڪو تنهنجي مرضيءَ موجب زندگي گذاري ٿو، سو هميشہ خوش رهندو ۽ ڪڏهن بہ شرمندو نہ ٿيندو.

اي پاڪ خدا، اسين دل سان تنهنجو شڪر ٿا ڪريون، جو تون اسان کي ٻين جي خدمت چاڪري جا موقعا هر روز ڏين ٿو. اسان کي طاقت ڏي تہ اهڙا موقعا اسان ڪڏهن بہ هٿان نہ وڃايون، ۽ انسان ذات جي خدمت ڪندي تنهنجو جلوو ظاهر ڪريون.

انهيءَ ۾ بہ اسين شڪر ٿا ڪريون، جو تون اسان کي صبر ۽ حليميءَ جا سبق سکڻ جا موقعا ڏين ٿو تہ جيئن اسين ٻين جي بهتر خدمت ڪري سگهون. اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي نالي ۾،

(آمين)

# ٻاويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”شال خدا اسان تي رحم ڪري ۽ اسان کي برڪت عطا ڪري! شال هو اسان تي پنهنجي ڪرم جي نظر فرمائي! تان ته سڄيءَ دنيا تي سندس واٽ پڌري ٿئي. هائو، جيئن سڀني قومن کي سندس ڇڏائڻ واري قدرت نظر اچي.“

(زبور 67:1-2)

اي مهربان خدا، تنهنجو جلوو آسمان ظاهر ٿو ڪري ۽ زمين قدرت تي ڏيکاري، تنهنجي ڏاهپ ۽ شان، انسان هر جاءِ تي پيو ڏسي، تنهنجو جلوو ۽ قدرت، عزت ۽ بادشاهي دائمي هجي.

اي پيارا خدا، تون حاضر ۽ ناظر آهين، اسان جي عزيزن ۽ مٽن مائٽن تي رحم جي نظر ڪر ۽ پنهنجن

ملائڪن کي حڪم ڏي تہ هو انهن کي سنڀاليندا رهن. اسان جي عزيزن جي جسمن ۽ روحن کي محفوظ رک ۽ سندن گناهن کي معاف ڪر ۽ جڏهن هو موت کان پوءِ تنهنجو ديدار ڪن، تڏهن هو بي عيب ۽ پاڪ هجن، عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

اي مالڪ مهربان، اسان تي پنهنجي حليميءَ ۽ محبت جو روح نازل ڪر ۽ هر ڪنهن قسم جي خود غرضيءَ کي ختم ڪر، ڇاڪاڻ تہ اسانجي زندگي تنهنجي لاءِ آهي.

(آمين)

# ٽيويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

” اي خدا! شال ماڻهو تنهنجي تعريف ڪندا رهن! هائو، شال سڀيئي ماڻهو تنهنجي واکاڻ ڪندا رهن! شال قومون خوشيون ڪن ۽ سرهائيءَ جا گيت ڳائين! ڇو جو تون سچائيءَ سان ماڻهن جو انصاف ڪرين ٿو، ۽ ڌرتيءَ جي سڀني قومن جي رهنمائي ڪرين ٿو.“

(زبور 67:3-4)

اي خدا تعاليٰ، تون ڄاڻين ٿو ته اسين اڪيلا ڪوبہ چڱو ڪم ڪري نہ ٿا سگهون، سو تون اسان کي فضل بخش ته اڄ اسين جيڪو ڪم ڪريون، تنهن کي پوري ڪرڻ جي قوت تو کان حاصل ڪريون.

اي پاڪ خدا، اسان کي هن ڳالهه مان وڏي تسلي ملي ٿي تہ تون ئي اسان جي دل جي اميد آهين، تو وٽ بيحد طاقت آهي. اسين تو کي ياد ڪندي اهو سمجهون ٿا تہ اسين تنهنجا آهيون، تنهن وقت اسان کي آٿت ٿي ملي.

اي آسماني بابا، تو ۾ ئي اسين جيئرا آهيون ۽ تو کان سواءِ اسان جو زنده رهڻ مشڪل آهي. اسان تو کي عرض ٿا ڪريون، تہ پنهنجي پاڪ روح سان اسان کي هدايت ڪر، جو اسان روزاني زندگيءَ ۾ تو کي نہ وساريون ۽ ياد رکون تہ تنهنجي حضور ۾ آهيون.

(آمين)

# ٽيويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

” اوهين اهڙو ئي سياءُ رکو جهڙو عيسىٰ مسيح جو هو. جيتوڻيڪ هو بذات خود خدا هو، ته به هن خدا سان برابر هئڻ جي درجي کي زوريءَ پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي شيءِ نه سمجهيو. ابتلندو پاڻ کي خالي ڪري ڇڏيائين، ۽ غلام جي صورت اختيار ڪري انسانن جهڙو ٿي ويو. انساني شڪل ۾ ظاهر ٿي ڪري هن پاڻ کي هيٺانهون ڪيو، ۽ ايستائين فرمانبردار رهيو جو موت، بلڪ صليبي موت قبول ڪيائين. تنهن ڪري خدا هن کي تمام گهڻو سر بلند ڪيو، ۽ ڪيس اهو نالو عطا ڪيو جيڪو سڀني نالن کان اعلىٰ آهي. انهيءَ لاءِ ته بني نوع انسان،

جيڪي ڄاوا آهن يا جيڪي ڄمندا، سي
سڀيئي عيسىٰ جي نالي تي گوڏا کوڙين ۽
هر هڪ زبان اقرار ڪري تہ عيسىٰ مسيح
خداوند آهي، تان تہ خدا پيءُ جي واکاڻ
ٿئي.“

(فلپين 2:5-11)

اي رحيم خدا، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ پنهنجي بيحد ٻاجهہ سان اسان کي سڀني نقصانڪار شين کان بچاءِ، تہ اسين جسم ۾ ۽ روح ۾ تيار ٿي اهي ڪم ڪريون، جيڪي تون اسان کان ڪرائڻ گهرين ٿو، تن کي پورو ڪريون.

اي خدا، تو پنهنجو هڪڙو ئي پٽ هن دنيا ۾ موڪليو تہ هو اسان لاءِ نمونو ۽ طاقت جو چشمو ٿئي، اسان کي طاقت ڏي، تہ اسين هميشہ سندس ئي پيروي ڪريون.

(آمين)

# چوويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”جڏهن تہ اهو خدا ئي آهي جيڪو پنهنجي نيڪ ارادي موجب اوهان ۾ ڪم ڪندو رهي ٿو، تہ جيئن اوهين سندس مرضي قبول ڪريو ۽ ان تي عمل بہ ڪريو. سڀ ڪم شڪايت ۽ تڪرار ڪرڻ ڪان سواءِ ڪندا رهو.“

(**فلپين** 2:13-14)

اي ڏٽي سڳورا، اسين تو کي عرض ٿا ڪريون تہ پنهنجي ايماندار بندن کي معافي ۽ اطمينان بخش، تہ اهي پنهنجي سڀني ڏوهن کان پاڪ صاف ٿي دلجاءِ سان تنهنجي خدمت ڪندا رهن. اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان.

اي خدا، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون، تہ تون اسان کي اھا طاقت ڏي، تہ ھميشہ خدا پرستيءَ ڏانھن مائل رھون ۽ سيني مصيبتن کان بچيل رھون ۽ دل و جان سان تنھنجي خدمت ڪندا رھون، اسان ڇوٽڪاري ڏيندڙ مسيح جي نالي ۾ دعا ٿا گھرون.

اي خدا، تون اسان جي پناھہ ۽ قوت آھين، تون ئي سچي دينداريءَ جو باني آھين، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون، تہ تون اسان جي دلي دعائن ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيءُ ۽ جيڪي ڳالھيون اسين ايمان سان گھرون ٿا، سي حقيقت ۾ حاصل ڪريون. ھي سڀ ڪجھہ اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

(آمين)

# چويھون ڏينھن
# سانجھيءَ جي دعا

”اوھين بي ڏوھي ۽ معصوم ٿي ڪري ڏنگن ۽ نرڄن ماڻھن جي ھن زماني ۾ خدا جا بي عيب ٻار ٿي رھو. انھن جي وچ ۾ اوھين ائين ٿا چمڪو جيئن دنيا ۾ روشني، ۽ اوھين ڪين زندگيءَ جو ڪلام پيش ٿا ڪريو.“

(فلپين 2:15-16)

اي ڏڻي تعاليٰ، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون، تہ پنھنجي ماڻھن کي سندن گناھن کان معافي ڏي، تہ تنھنجي بيحد ٻاجھ ڪري جيڪي گناھ اسان ڪمزوريءَ جي ڪري ڪيا آھن، تن جي ڦندن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون، اي آسماني بابا، اسان جي

سڀوري خداوند ۽ چوٽڪاري ڏيڻ واري عيسىٰ مسيح جي نالي ۾ ٻڌ ۽ قبول ڪر.

اي مالڪ مهربان، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ پنهنجن ايماندارن جي دلين کي بيدار ڪر، تہ اهي چڱن ڪمن جي ڪري جهجهو ڦل پيدا ڪري، تنهنجي نالي کي جلوو عطا ڪن.

اي پاڪ خدا، تون اسان جي زندگي، سچائي ۽ خوشي آهين. تون ئي نيڪ ۽ پاڪ آهين ۽ اسان جون سڀيئي اميدون تو تي آهن. اسين تنهنجو شڪر ٿا ڪريون، جو تو اسان کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي، جنهن جي ڪري اسين تو کان واقف ٿيون ٿا. اسان کي قوت عطا ڪر، تہ اسان کي خبر پوي تہ حقيقت ۾ تون ڪهڙو نہ پاڪ ۽ مهربان آهين.

(آمين)

# پنجويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اي خداوند! آءٌ تنهنجي بندگي ڪندو رهان ٿو. اي خداوند! مون کي پنهنجون راهون کولي ڏيکار، تون مون کي پنهنجو هر پيچرو ٻڌاءِ. مون کي پنهنجي سچائيءَ واري راهہ تي هلاءِ.“

(زبور 25:1، 4، 5)

اي قادر مطلق خدا، تون جو اهڙي پر جلال نور ۾ رهين ٿو، جنهن تائين انسان پهچي نٿو سگهي. اسان جي مدد ڪر، تہ حضورالمسيح ، جنهن کي تو دنيا جو نور ڪري موڪليو، تنهنجو جلوو ڏسون ۽ تنهنجي پاڪ فرزند کان واقف ٿيون ۽ هن جي خوشخبريءَ جي سرهائيءَ ۾ سچائي ۽ روح سان تنهنجي بندگي ڪريون.

اي خداوند خدا، تون روشنائي چمڪائين ٿو، صبح کي روشن ٿو ڪرين، چڱن ۽ برن، ٻنهي تي سج هڪ جهڙو ٿو چمڪائين. پنهنجي سچائيءَ جي علم سان اسان جي اونداهين دلين کي روشن ڪر، پنهنجو نور اسان تي چمڪاءِ ته ان جي وسيلي اسين زندگيءَ جي واٽ چٽي ڏسون ۽ نيٺ تنهنجي فضل سان جلوو ۾ تنهنجو ديدار ڪريون.

اي پاڪ خدا، اسان کي طاقت ڏي ته اسين گناهه ڪرڻ کان بچندا رهون، ويندي ڏينهن لٿي تائين. ڪوبه گناهه جو داغ اسان تي نه هجي ۽ هر صبح شام جو تنهنجي تعريف ۽ واکاڻ ڪريون. عيسيٰ مسيح جي نالي ۾،

(آمين)

# پنجويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اي دعائون قبول ڪرڻ وارا! سڀيءَ دنيا جا ماڻهو تو وٽ ايندا. جڏهن اسان جا گناهه اسان تي غالب ٿين ٿا، تڏهن تون ئي اهي معاف ڪرين ٿو. سڀاڳا آهن اهي ماڻهو، جن کي تون چوندي ويجهو ٿو آڻين، تان ته اهي اچي تنهنجي بارگاهه ۾ رهن. شال اسين تنهنجي گهر جي چڱين شين مان آسودا ٿيون، يعني مقدس هيڪل جون برڪتون ماڻيون.“

(زبور 65:2-4)

اي خداوند خدا تون ئي راهه، حق ۽ زندگي آهين. تون ئي نيڪ آهين ۽ اسان جي دلين جي اميد ۽ خوشي آهين. اسين تنهنجا ٺورائتا آهيون، جو تون اسان کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي. تنهن ڪري اسان

پنهنجا خيال تو ڏانهن ڦيرايون ٿا. اسان کي قوت ڏي تہ اسين تو کان پوريءَ طرح واقف ٿيون ۽ تو کي گهڻي ۾ گهڻو خوش ڪريون.

اي قادر مطلق خدا، تو اسان کي زندگيءَ جي وڏي امانت بخشي آهي. اسان کي خبر ڪانهي تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو. پر فقط هي ڄاڻون ٿا تہ هر گهڙيءَ ۽ هر هنڌ اسان کي تنهنجي خدمت ڪرڻ گهرجي. هينئر ئي اسان کي سجاڳ ڪر، تہ اڄ ئي اسان پنهنجي جان تنهنجي حوالي ڪريون، سڀاڻي جو آسرو نہ ڪريون، اسان جو رهنما ٿيءُ بلڪ اسان سان گڏجي هل، تڏهن ئي معمولي ڪم بہ وزن وارو ۽ پاڪ ٿيندو ۽ خراب ۾ خراب رستو بہ سنئون سڌو ۽ آسمان وارو ٿيندو. اسان جي مدد ڪر تہ ڪاوڙ ۽ بي وفائي ترڪ ڪري ڇڏيون ۽ تو تي پورو پورو ايمان آڻيون. هر ڪنهن ڳالهہ ۾ اسان کي مسيح ڏانهن مائل ڪر تہ اسان کي تنهنجو جلوو وري صاف نظر اچي ۽ سيني کي خبر پوي تہ اسين تنهنجا ٻار آهيون.

(آمين)

# چويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اي خداوند! منهنجون اکيون کولِ، تان تہ آءٌ تنهنجي شريعت جا عجب اسرار ڏسي سگهان. تون مون کي پنهنجي قاعدن قانونن جي حقيقت سمجهاءِ، آءٌ تنهنجي انهن عجب اسرارن تي غور پيو ڪندو رهندس. اي خداوند! مون کي پنهنجي قانونن جي راهہ ٻڌاءِ، آءٌ پوريءَ طرح انهيءَ تي هلندو رهندس. هائو، مون کي سمجهہ عطا ڪر تہ تنهنجي شريعت تي عمل ڪريان ۽ پنهنجي دل و جان سان انهيءَ تي هلندو رهان.“

(زبور 18:119، 27، 33 ۽ 34)

خدا آسماني پيءُ آهي، جنهن منجهہ اسين جيئون ٿا ۽ جنهن مان اها زندگي نڪري ٿي، جا سڀني جي آهي ۽ اهو ئي اطمينان جو چشمو آهي. سو اسان جو ايمان وڌاءِ. اي خداوند مسيح، تو ئي دنيا کي بچايو آهي. تون اسان جي گناهن ۽ بڇڙاين جي ڪري چڙهڻ وري وري مصلوب ٿو ٿين، تون صلح جو شهزادو آهين، سو اسان جي ايمان کي وڌاءِ اي زندگي بخش روح القدس، تون جو سدائين اسان جون سخت دليون خدا ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪرين، تون سچائيءَ، خوشيءَ ۽ اطمينان سان معمور آهين، اسان جو ايمان وڌاءِ.

”آءٌ اوهان کي اطمينان ڏيئي ٿو وڃان، پنهنجو اطمينان اوهان کي ٿو ڏيان.“

خدا جو اطمينان جيڪو اسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي، شال سو اسان جي دلين ۽ روحن کي گناهہ کان پاڪ رکي.

(آمين)

# چويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”بيشڪ جيڪا قوم مصيبت جي اونداهيءَ ۾ ٿي هلي، سا خوشحاليءَ جي وڏي روشنائي ڏسندي. هائو، اها روشنائي انهن سڀني تي چمڪندي، جيڪي موت جي پاڇي واري هنڌ رهن ٿا.“

(يسعياه 9:2)

اي خداوند خدا، اسان کي بيحيائيءَ، روحاني سستيءَ ۽ اخلاقي شڪست کان بچائي وٺ ۽ اسان کي قوت ڏي ته اسين تنهنجي مرضيءَ جي خلاف ۽ تنهنجن ارادن کان پنهنجو پاڻ کي اڳيرو نه ڪريون. اسان جي مدد ڪر، ته اسين حسد، شڪ ۽ دپ تي غالب پئون ۽ سڀني غلط رستن کان پاسو ڪريون، انهن کي

تسلي ڏيون جيڪي ڏک، تڪليف ۽ بيماريءَ ۾ مبتلا آهن. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

اي قادر مطلق خدا، تون ئي اسان ۾ حق پرستيءَ ۽ آڻت جا سپيئي خيال پيدا ڻو ڪرين. اسين تو کي منٿ ڻا ڪريون تہ تون سڀني ماڻهن جي دلين ۾ اطمينان پيدا ڪر ۽ انهن کي هدايت ڪر جيڪي قومن ۽ قبيلن جا اڳواڻ آهن، تہ جيئن سڄيءَ دنيا ۾ مڪمل امن ۽ سلامتي هجي ۽ تنهنجي بادشاهي ترقي ڪندي رهي، جيستائين دنيا تنهنجي پيار جي علم سان ڀرپور ٿئي. اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

(آمين)

# ستاويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”ڪلام انساني صورت ۾ آيو ۽ اچي اسان
سان گڏ رهيو. اسان سندس جلوو ڏٺو،
جيڪو هن کي پيءُ جي هڪڙي ئي فرزند
هئڻ ڪري مليو ۽ هو فضل ۽ سچائيءَ
سان ڀرپور هو.“

(يوحنا 14:1)

اي رحيم رب، انهن سيني کي برڪت ڏي جيڪي بيمارن جي سنڀال ڀيا ڪن. انهن جي مدد ڪر جيڪي غريبن ۽ نادانن جي خدمت ڀيا ڪن. انهن کي تسلي ڏي جيڪي ٻارن کي خدا جو ڪلام سيکارين ٿا. اي خدا تعاليٰ، انهن کي ٻہ سنڀال، جن جي خدمت اسان جي زندگيءَ لاءِ بلڪل ضروري آهي، سيني والدين کي فضل بخش، تہ هو پنهنجن ٻارن کي

دانائيءَ سان تربيت ڏين ۽ هو پاڪائيءَ، پيار ۽ عزت سان پنهنجن ۾ رهندي هر هڪ ڪٽنب جي ڀاتيءَ سان پيار ڪن ۽ خاندان جو هر هڪ فرد هڪ ٻئي سان پيار جي هلت هلي. اسان سڀني بيمارن لاءِ ٻه دعا ٿا گهرون ته هو جلدي تندرست ٿين. جيڪي غمگين آهن، تن کي تسلي ڏي. جيڪي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي آهن، تن لاءِ ٻه دعا ٿا گهرون، ته هو موت جي ماتريءَ مان گذرندي تنهنجي حضوريءَ ۾ پهچن ۽ تنهنجو مبارڪ ديدار ڪن. اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ مسيح جي نالي ۾.

(آمين)

# ستاويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”بيشڪ خدا ئي اسان کي برڪت ڏني آهي. شال ساري ڌرتيءَ جا ماڻهو ڪيس تعظيم ڏين.“

(زبور 7:67)

اي خداوند خدا، تون ئي عظيم، ابدي ۽ جلال سان ڀرپور آهين، تون انهن سان عجب جهڙا واعدا ٿو ڪرين جي دل سان تو کي پيار ٿا ڪن. تون انهن سڀني جو جياپو ۽ مددگار آهين، جي تو وٽ پناهہ لاءِ اچن ٿا ۽ تون انهن جي اميد آهين، جي تو کي منٿ ٿا ڪن. اسان جا گناهہ معاف ڪر ۽ جيڪو خيال يا ارادو تو کي پسند نٿو اچي تنهن کي اسان جي دل مان ڪڍي ٻاهر ڪر. اسان جي دل ۽ روح کي پاڪ صاف

ڪر، تہ اسين پوري محبت ۽ ڪامل اميد سان تو تي ڪامل ڀروسو رکنديءِ، تنهنجي خدمت ڪندا رهون.

اي قادر مطلق خدا، ابدي نور جا چشما، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون پنهنجي روشني اسان جي دلين ۾ چمڪاءِ ۽ اسان تي پنهنجي سچائي ظاهر ڪر.

اي خداوند مسيح، رستو، حق ۽ زندگي تون ئي آهين، اسين تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون اسان جي مدد ڪر، تہ اسين ڪڏهن بہ سچيءَ راهہ کان ڀٽڪي نہ وڃون، اسان کي پنهنجي پاڪ روح جي وسيلي سيکار، تہ اسان کي ڪهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ ڪڏهن آرام ڪرڻ گهرجي. اسان جي مدد ڪر تہ اسين تو تي پورو ڀروسو رکون.

(آمين)

# اٺاويهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اي خدا! شال ماڻهو تنهنجي تعريف ڪندا رهن! هائو، شال سڀيئي ماڻهو تنهنجي واکاڻ ڪندا رهن! زمين پنهنجي پيداوار وڌائي ڏني آهي. هائو، اسان جي خدا اسان کي برڪت عطا ڪئي آهي.“

(زبور 67:5-6)

اي مهربان خدا، اسان جي سڀني پاڙيسرين تي رحم جي نظر ڪر. اسان جي شهر ۽ ملڪ تي پنهنجون رحمتون ۽ برڪتون نازل ڪر. اسان جي حاڪمن ۽ اڳواڻن کي هدايت ڪر تہ هو هر هڪ انتظام تنهنجي مرضيءَ موجب ڪن، جنهن ۾ تنهنجو جلوو ظاهر ٿئي تہ جيئن سڀني ماڻهن کي تسلي ۽ فائدو ملي. اسان کي امن ۽ سلامتي عطا ڪر، ۽ برڪت ڏي اهي ئي انسان

لاءِ فائديمند آهن. اسان جا گناھ معاف ڪر ۽ اسان کي توفيق بخش تہ اسان بہ ٻين ماڻھن جي ضرورتن کي پورو ڪريون ۽ تنھنجي برڪتن جي شاھدي ڏيون.

اي اسان جا آسماني بابا، اسين پنھنجو روح ۽ بدن تنھنجي مبارڪ ھٿن ۾ سونپيون ٿا، انھيءَ لاءِ تہ تو ئي انھن کي پيدا ڪيو آھي ۽ انھن سان پيار بہ اھڙو ٿو ڪرين، جو اسان جي سمجھ کان ٻاھر آھي. اڄ اسان جي عزيزن جي رھنمائي ڪر ۽ اسان جي دلين ۾ پنھنجو نور چمڪاءِ، تہ اسين روزانو تنھنجي عرفان کان واقف ٿيون ۽ ھميشہ تنھنجي مرضيءَ موجب پنھنجي زندگي گذاريون. اسان جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي نالي ۾.

(آمين)

# اٺاويهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اي خدا! تون منهنجي حفاظت ڪجانءِ، ڇالاءِ جو آءٌ تنهنجي ئي پناهه ٿو وٺان. اي خداوند! آءٌ چوان ٿو تہ تون منهنجو رب آهين. تو کان سواءِ منهنجي ڀلائي ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.“

(زبور 16:1-2)

اي آسماني بابا، تون سڄي ڪائنات کي پنهنجي پاڪ حضوريءَ سان ڀرپور ٿو ڪرين، اسين نماڻائيءَ سان تو کي عرض ٿا ڪريون، تہ پنهنجي بي مثال محبت جي ڪري اڄ رات جو اسان کي پنهنجي حضوريءَ ۾ رک ۽ پاڪ ملائڪن کي حڪم ڏي تہ هو اسان جي بستري جا سڄي رات نگهبان ٿين، تہ اسان صبح تائين سلامت هجون.

اي خداوند عيسىٰ مسيح، اسانجن ۽ اسان جي پيءُ ڏاڏن جي گناهن کي ياد نہ ڪر ۽ اسان جي ڏوهن جو بدلو نہ وٺ. اي مهربان خداوند، اسان کي معاف ڪر، جن کي تو پنهنجو فديو ڏئي ڇوٽڪارو ڏنو آهي، تن کي معاف ڪر ۽ ڪڏهن بہ اسان سان ڪاوڙ نہ ڪر.

هر بڇڙائيءَ، آفت ۽ گناهن کان شيطان جي چالاڪين ۽ حملن کان بچاءِ ۽ پنهنجي غضب ۽ عذابن کان ۽ دل جي انڌاهيءَ کان، هٺ، ٻٽاڪ ۽ دغابازيءَ کان، ريس ۽ دشمنيءَ کان بہ بچاءِ، تنهن کان سواءِ بڇڙين ڳالهين کان. اي خداوند اسان کي بچائي وٺ.

(آمين)

# اوڻٽيهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”اي خداوند! تون ئي منهنجي ميراث ۽ منهنجو نصيب آهين. منهنجي مستقبل جو تون ئي نگهبان آهين. خداوند جيڪي چڱيون شيون مون کي ورثي طور ڏنيون آهن، سي ڪيڏيون نہ دلپسند آهن.“

(زبور 16:5-6)

حرامڪاريءَ ۽ ٻئي هر ڪنهن قسم جي موتمار گناهہ کان، جسم ۽ شيطان جي فريبين کان، اي مهربان خداوند اسان کي بچائي وٺ.

آسماني آفتن، مثلاً وڄ، طوفان ۽ وبائن ۽ ڏڪار کان، فسادن ۽ اوچتي موت کان، هر ڪنهن قسم جي فتني ۽ ڳجهي منصوبي ۽ هر قسم جي بدعتي تعليم ۽ ڏڦيڙ کان اي خداوند، اسان کي بچڻ جي سگهہ ڏي.

دل جي سختيءَ ۽ تنهنجي ڪلام ۽ حڪمن کان منهن موڙڻ ، اي مهربان خداوند، اسان کي بچاءِ.

اسان جي ڏکن واري سموري وقت ۾ سکن وارين گهڙين ۾ ۽ عدالت جي ڏينهن ۾ بہ اي خداوند اسان کي سنڀال، اي خداوند خدا، اسين گنهگار تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون اسان جي ٻڌ ۽ مهرباني ڪري پنهنجن ماڻهن کي پنهنجي حڪمن موجب سنئين رستي تي هلاءِ اي مهربان خدا، اسان تو کي منٿ ٿا ڪريون تہ تون اسان جي ٻڌ. عيسيٰ مسيح جي نالي ۾،

(آمين)

# اوڻيهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اي خداوند! آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪندس، ڇالاءِ جو تون هر وقت منهنجي رهبري ٿو ڪرين، هائو، رات جي اونداهيءَ ۾ بہ تنهنجون تعليمات منهنجي دل کي روشن ڪريو ڇڏين. آءٌ هميشہ تو کي ئي پنهنجي آڏو رکان ٿو. جيئن تہ تون مون سان گڏ آهين، سو مون کي ڪو لوڏو ڪونہ ايندو“.

(زبور 16:7-8)

اي ٻاجهارا رب، سڀني اميرن ۽ وزيرن کي فضل، سياڻپ ۽ سمجهہ بخش، مهرباني ڪري عدالت ڪندڙن کي برڪت بخش ۽ سندن نگهبان ٿيءُ ۽ انهن کي فضل بخش تہ هو سدائين پورو انصاف ڪن ۽ سچائيءَ کي قائم رکن. مهرباني ڪري پنهنجي سڀني

ماڻھن کي برڪت ڏي، ۽ انھن جو راڪو ٽيءُ پلائي ڪري سڀني قومن ۾ ايڪو صلح ۽ اتحاد پيدا ڪر.

اي خداوند خدا، مھرباني ڪري اسان کي اھڙي دل ڏي جو تنھنجو پيار ۽ ڊپ رکون ۽ تنھنجن حڪمن جي پورائي ۾ لڳا رھون. مھرباني ڪري پنھنجي سڀني ماڻھن کي پرپور توفيق ڏي، جو ھو تنھنجو ڪلام حليميءَ سان ٻڌن  ۽ پيار سان ان کي قبول ڪن ۽ روح جو ڦل آڻين. جيڪي پٽڪيل آھن ۽ ٺڳجي ويا آھن، انھن سڀني کي سچيءَ واٽ تي آڻ.

(آمين)

# ٽيهون ڏينهن
## صبح جي دعا

”تون مون کي هميشه زندگيءَ جي راهه پيو ڏيکاريندين، ۽ تنهنجي حضور ۾ آءٌ خوشين سان ڀرپور رهندس. هائو تو سان گڏ رهڻ ۾ مون کي دائمي خوشيون حاصل ٿينديون. انهيءَ ڪري آءٌ پوريءَ طرح امن ۽َ سلامتيءَ سان رهان ٿو، ۽ پنهنجي دل ۽َ جان سان خوشيون ٿو ملهايان.“

(زبور 16:11 ۽ 9)

اي خداوند خدا، پنهنجي فضل سان انهن کي سگهه ڏي، جيڪي نڪما آهن ۽ جيڪي هيٺي دل وارا آهن، تن کي تسلي ڏي ۽ انهن جي مدد ڪر جيڪي ڪريل آهن، بلڪ انهن کي ڪڻي وٺ ۽ آخر ڪار

شيطان کي اسان جي پيرن هيٺان لتاڙي ڇڏ. جيڪي ڏُک ۾ آهن، تن جي ڏُک کي ختم ڪر، ۽ جيڪي ضرورتمند آهن، تن جون ضرورتون پوريون ڪر. جيڪي مصيبت ۾ آهن تن کي دلاسو ڏي. اي خداوند، انهن جي بہ مدد ڪر، جيڪي خشڪيءَ جي رستي ٿا سفر ڪن، يا اهي جيڪي پاڻيءَ وارن جهازن ۾ سفر ڪري رهيا آهن، يا جيڪي هوائي جهازن ذريعي سفر ٿا ڪن. بهرحال سڀني جي مدد ڪر ۽ انهن کي امان ۾ رک. اسين حامله عورتن ۽ سڀني بيمارن لاءِ بہ دعا ٿا ڪريون تہ انهن کي شفا ڏي. سڀني قيدين تي رحم ڪر، تون پنهنجي مهربانيءَ سان يتيمن ۽ رنن زالن ۽ سڀني ماڻهن تي ٻاجهہ ڪر. مهرباني ڪري اسان جي ويرين ۽ ڏک ڏيندڙن ۽ گلا ڪندڙن کي بہ معاف ڪر، مهرباني ڪري اسان جي دلين کي پنهنجي طرف ڦيراءِ، پنهنجي ٻاجهہ سان زمين جي فصلن مان منداٺتا ميوا پيدا ڪر ۽ اسان جي فائدي لاءِ انهن جي حفاظت ڪر، انهيءَ لاءِ تہ مهل سر اهي اسانجي ڪم اچن.

(آمين)

# ٿيهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”اي خداوند! تون منهنجو ريڍار آهين، سو مون کي ڪنهن شيءِ جي ڪمي نہ آهي. تون مون کي ساون چراگاهن ۾ ويهارين ٿو، تون مون کي راحت وارن چشمن وٽ وٺي وڃين ٿو.“

(زبور 23:1-2)

اي مهربان رب، اسان کي سچي توبهہ جي توفيق بخش ۽ اسانجن سيني گناهن، غفلتن ۽ اٽجاٽائين کي معاف ڪر ۽ پنهنجي پاڪ روح جو فضل اسان کي ڏي، تہ اسين پنهنجي هلت چلت تنهنجي پاڪ ڪلام جي مطابق سڌاريون، اي خدا، تون اسان جو روحاني مهربان پيءُ آهين، جيڪي دل سان پنهنجن گناهن تي پڇتائين ٿا تن جي صدائن کي تون حقير ڪونہ

ڄاڻيندين. اسين جڏهن ڏکن ۽ مصيبتن ۾ جکڙجي، تنهنجي حضور ۾ دعا ٿا گهرون، تڏهن تون اسان جي مدد ڪر ۽ ٻاجهه ڪري تون اسان جي دعائن کي ٻڌ. جيڪي بڇڙايون شيطان جي طرفان ۽ ماڻهن جي مکرن ۽ فريبن جي ڪري اسان جي مٿان ڪڙڪن ٿيون، تن کي ٽاري ڇڏ ۽ تنهنجي وڏي فضل ۽ پيار جي ڪري اهي سڀ ڳالهيون اسان کان پري ٿين، ته جيئن اسان تنهنجا ٻانها مختلف ايذائن کان بچي هميشه تنهنجو شڪرانو ادا ڪندا رهون، هي اسان جي خداوند عيسىٰ مسيح جي ڪري ٿئي.

اي خداوند اسان پنهنجي ڪنن سان ٻڌو آهي ۽ اسان جي وڏڙن به اسان کي ٻڌايو آهي ته انهن جي ڏينهن ۾ ۽ انهن کان آڳاٽي زماني ۾ تو کهڙا نه عمدا ڪم ڪيا هئا.

(آمين)

# ايڪٽيهون ڏينهن
# صبح جي دعا

”تون منهنجيءَ جان کي تازو ۽ توانو ٿو ڪرين. پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب تون مون کي سڌين واٽن تي وٺي ٿو هلين. توڙي جو ڪٽي آءٌ موت جي پاڇي وارين وادين مان لنگهندس، تڏهن به آءٌ ڪنهن ڪان ڪين ڊڄندس، ڇو جو تون مون سان آهين، هائو، تنهنجي لٺ ۽ لڪڻ منهنجي دلجاءِ جو سبب آهن.“

(زبور 23:3-4)

اي ڏٽي تعاليٰ، اسان جو ايمان پختو ڪر، ته اسين هميشه هر هنڌ ۽ هر ڪنهن ڳالهه ۾ تو تي ڪامل ڀروسو رکون ۽ اهو دل ۾ يقين ڪريون ته تون به اسان کي ڪونه وساريندين.

اي مهربان خدا، اسان کي نماڻائي ۽ حليمي بخش. اسان کي صبر ڪرڻ سيکار ۽ محبت ڪرڻ جي سگهہ عطا ڪر، تہ جيئن هميشہ ٻين کي پاڻ کان بهتر سمجهون ۽ اهڙيءَ طرح خداوند عيسىٰ مسيح جا وفادار خادم ٿيون. اي خداوند خدا، اسان کي خبر ڪانهي، تہ اسان کي دعا ۾ ڇا گهرڻ کپي، پر تو کي خبر آهي تہ اسان کي ڪهڙيون ڪهڙيون شيون گهرجن، سو تون اهي اسان کي ڏي. اهو سچ آهي، تہ تون اسان کي اهڙو پيار ٿو ڪرين جهڙو خود بہ پاڻ سان ڪري نٿا سگهون. اي آسماني بابا، اسان جيڪي تنهنجا فرزند آهيون، تن کي اهو ڪجهہ عطا ڪر، جيڪي اسان تو ڪان گهريو بہ نہ آهي، پر اهو اسان لاءِ ضروري آهي. اسان جي خواهش آهي، تہ اسين رڳو تنهنجي مرضيءَ تي عمل ڪندا رهون، اسان کي طاقت بخش تہ اسين تو کي ئي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

(آمين)

# ايڪٽيهون ڏينهن
# سانجهيءَ جي دعا

”تو منهنجي دشمنن آڏو مون لاءِ دسترخوان وڇايو آهي. تو مون کي معزز مهمان جيان مان ڏنو آهي، ۽ منهنجي پيالي کي ٿمٿار ڪيو اٿيئي. تنهنجي ڀلائي ۽ رحمت ساري حياتي مون سان هونديون. اي خداوند! آءٌ هميشہ تنهنجي گهر ۾ پيو رهندس.“

(زبور 23:5-6)

اي ڪريم خدا، اسان جي دشمنن کان اسان کي پناھ ڏي، اسان جي مصيبتن کان اسان کي ڇڏاءِ، اسان جي دل جي ڏکن تي پنهنجي ٻاجھ جي نظر ڪر، پنهنجي ماڻهن جي گناهن تي ٻاجھ جي نظر ڪر، اي خدا هاڻي ۽ هميشہ تائين اسان تي مهربان رهہ، اسان

جي ٻڌ ۽ اي خدا پنهنجو رحم ڪر، ڇو جو اسان تو تي ڀروسو رکون ٿا.

اي ٻاجهارا رب، تون اسان کي بچائڻ لاءِ اسان جي ويجهو ٿيءُ اسان کي تازگي بخشڻ لاءِ اسان سان گڏ رهه، اسان جي رهنمائيءَ لاءِ اسان جي اڳيان هل، اسان کي سچار ڏهرائڻ لاءِ، اسان جي پٺ وٺ. اسان کي برڪت ڏيڻ لاءِ اسان جي مٿان رهه، مهرباني ڪري پنهنجي چهري جو نور اسان تي چمڪاءِ ۽ اسان کي دائمي اطمينان بخش. پياري عيسيٰ مسيح جي پاڪ نالي ۾،

(آمين)

# وڌيڪ معالومات لاءِ:

مسيحي ادبي انجمن، پوسٽ باڪس 358، حيدرآباد، سنڌ
Phone: 0301 354 6751
E-Mail maasindh@gmail.com